زال - چيائون، ڪيئن، فرمايائون ته هڪ ڀيري شوق جي غلبي ۾ جهنگ ۾
هوس اتي هڪ پوڙهي زال کي ڏٺم جو جنهن سان ڪجهه ٻار هو، مونکي چيائين
ته هيءُ ٻار کڻ مون کان نٿو کڄي ان وقت منهنجو اهڙو حال هو جو پنهنجي وجود جو بار
نه ٿي کڻي سگهيس، پوڙهي جو ٻار ڪيئن کڻي سگهان ها - هڪ شينهن ڏانهن اشارو
ڪيم اهو آيو مون اهو پٺ تي رکيو ۽ پوڙهيءَ کي چيم ته جڏهن تون شهر ۾ وڃين پئين
تڏهن شهر وارن سان ڪهڙو بيان ڪندي پئين - ان پوڙهيءَ زال چيو ته چوندس ته
هڪ ظالم کي ڏٺو هوم، مون چيو ته ظالم ڪهڙي طرح ٿيس؟ تنهن تي مون کان عورت
پڇيو ته شينهن مُڪَلَّفُ آهي يا غير مُڪَلَّفُ؟ مون چيو ته غير مُڪَلَّفُ - پوڙهيءَ چيو ته
جنهن کي اللهُ تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ تڪليف ڪا نه ڏني آهي - جنهن کي غير مُڪَلَّفُ تون چوين انکي
جو تڪليف ڏئي، ظالم آهي يا نه آهي؟ - فرمايائون ته ظالم آهي - پوڙهيءَ چيو ته تنهن جو
ارادو آهي ته شهر جا ماڻهو معلوم ڪن ته شينهن تنهن جو تابع آهي ۽ تون صاحب ڪرامت
جو آهين -

نقل آهي ته حضرت بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ هڪ قبرستان کان ٿي آيا هڪ جوان بسطام
جي رئيسن مان واڄو وڄائيندو ٿي آيو حضرت بايزيد رضي الله تعاليٰ عنه انکي
ڏسي لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ ط پڙهيو جوان پنهنجو واڄو حضرت جن جي
مٿي مبارڪ تي اهڙي طرح زور سان هنيو جو واڄو به ڀڄي پيو ۽ حضرت جن جو مٿو مبارڪ به ڦاٽي پيو
ٻئي ڏينهن تي صبوح جي وقت حضرت بايزيد رَضِيَ اللهُ تعاليٰ عنهٗ جن واڄي جي قيمت ۽
حلوو پنهنجي مريد جي هٿان ان جوان ڏانهن موڪليو ۽ مريد کي فرمايائون تنهن جوان کي
چئج ته بايزيد عذر ڪيو آهي ۽ هيءَ قيمت موڪلي اٿس ته انهيءَ قيمت سان واڄو خريد
ڪري ۽ هيءُ حلوو موڪليو اٿس ته کاءِ ته رات جو غم ۽ غصو دفع ٿئي جوان جو اهو حال
ڏٺو اچي حضرت بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ جي قدمن مبارڪن تي ڪري پيو ۽ توبهه ڪيائين ۽ گهڻو
رُنو - جڏهن پاڻ مريد ٿيو تڏهن سندس همراهه پڻ مريد ٿيا - اهو حضرت خواجه
صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جي خوش خلقي جو نتيجو هو -

نقل آهي ته هڪ ڏينهن حضرت خواجه قُدِّسَ سِرُّهٗ جن پاڻ ذوق عبادت جو ذڪر
خيال جو ڪيائون ته گهر ۾ هڪ سنگ يعني ڇڳو ڏاک جو رکيو هو فرمايائون ته هي ڪنهن کي ڏئي

جنّ ٻيو منهنجو گهر ميوي وڪڻڻ جو دڪان نه آهي - حڪم موجب انهيءَ گهڙيءَ ۾ ڇڳو دڪان جوڙ ڏنو ويو - حضرت جن کي عبادت ۾ لذّت پيئي اڳهڻي ٿي.

نقل آهي ته حضرت جن جي پاڙي ۾ هڪ ٻالا پوڄيندڙ ڪافر هوندو هو اهو سفر ۾ ويل هو ان جا ٻار اونداهي رات جي سبب کان رڙيون ڪندا هوا - حضرت خواجه قُدِّسَ سِرُّهٗ جن پنهنجو ڏيئو انجي گهر نيئي ڏيندا هوا تڏهن اهي ٻار ڏاڍا خوش ٿيندا هوا جڏهن اهو آتش پرست سفر کان موٽي آيو انجي ٻارن هُئي حال ان کي بيان ڪيو ان ڪافر چيو ته جڏهن حضرت خواجه قُدِّسَ سِرُّهٗ جن اسانجي گهر ۾ روشني آندي هئي ته ڇا اونده ۾ رهون انهيءَ وقت مسلمان ٿيا.

نقل آهي ته هڪ آتش پرست کي ڪنهن چيو ته مسلمان ٿيءُ ان چيو ته جي مسلماني اها آهي جيڪي بايزيد ڪري ويا ته مون کان نٿي ٿئي ۽ جا اوهين ٿا ڪريو سا ڪجهه ڪين آهي.

نقل آهي ته حضرت جن هڪ ڀيري ڪنهن امام جي پٺيان نماز پڙهي نماز کان پوءِ امام پڇيو ته اوهان جو کاڌ پيٽ ڪاٿون ٿو ٿئي - پاڻ فرمايائون ته ڪجهه صبر ڪريو پهرين آئون نماز موٽائي پڙهان پوءِ تنهنجي سوال جو توکي جواب ڏيندس - جو روزي ڏيڻ واري کي نٿو سڃاڻي انجي پٺيان نماز روا نه آهي فرمايائون ته جي ڪنهن آفت ته توکي اچي تڏهن چوان ٿو ته يا الاهي تو مر، ته ڏاهن ماڻي موڪلي ٿو، ڪو نه موڪليو - ڪنهن شخص پڇيو ته مون سان پنهنجي مجاهدي جو ڪجهه احوال بيان ڪريو - فرمايائون ته جي وڏي ڳالهه بيان ڪريان، تنهنجي توکي توفيق نه آهي پر هڪ ننڍي ڳالهه توکي ٻڌايان ٿو جو هڪ ڀيري مون پنهنجي نفس کان ڪجهه ڪم ورتو گهريو ان چوڻ نه مڃيو، هڪ ورهيه پاڻي نه ڏنو مانس ۽ چيو مانس اي نفس! اُجو ٿي مر يا عبادت ڪر - وٽن هڪ مريد تيهن ورهن کان رهندو هو، ڏهاڙي ان کان پڇندا هوا ته تنهنجو نالو ڇا آهي، نيٺ هڪ ڏينهن ان خادم عرض ڪيو ته آئون تيهن ورهن کان اوهان وٽ رهيو آهيان ۽ نالو پڇندا آهيو ورهي ورهي اوهان کان وسري ٿو وڃي، پاڻ فرمايائون ته آئون ڪل نه ٿو ڪريان، جڏهن الله جَلَّ جَلَالُهٗ جو نالو منهنجي دل ۾ آيو آهي ٻيو ڪجهه ياد نه ٿو رهي، هر روز تنهنجو نالو ٿو پڇان، وري وسري ٿو وڃي - هڪ شخص وٽن آيو عرض ڪيائين ته مون کي اهڙي تعليم ڏيو جو جهل کان

ڇڏي ڏيان. فرمايائون ته ٻه ڳالهيون ياد ڪري ڇڏ ڪافي آهن، اول هي ته الله جل جلاله تنهنجي حال کان واقف آهي ۽ جو ڪجهه ڪرين ٿو اهو ڏسي ٿو ۽ تنهنجي عمل کان بي نياز آهي. هڪ شخص حضور ۾ عرض ڪيو ته پنهنجي پوشاڪ جو هڪ ٽڪرو عنايت ڪريو ته ان وسيلي برڪت وٺان. فرمايائون ته منهنجو پوشاڪ ڪجهه ته ڪم ايندو جيستائين منهنجو عمل نه ڪندين يعني منهنجي پيروي نه ڪندين. صاحب خزينة الاصفياء جي آندو آهي ته سندن شان ۾ حضرت جنيد بغدادي رحمة الله الهادي فرمائيندا هئا ته بايزيد بسطامي قدس سره اسان ۾ ائين آهي جيئن جبرئيل ملائڪن ۾. صاحب حدائق الورديه جي آندو آهي ته حضرت شيخ محي الدين ابن العربي قدس سره جن آندو آهي ته قطب ٻه قسم آهن هڪڙن کي ظاهري ۽ باطني ٻئي خلافتون حاصل آهن، جهڙوڪ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر ۽ حضرت عثمان ۽ حضرت علي ۽ عمر بن عبدالعزيز رضي الله تعالى عنهم اجمعين ۽ هڪڙن کي باطني خلافت مليل آهي ۽ ظاهري حڪم ڪونهين، جهڙوڪ بايزيد بسطامي قدس سره محروم ٿيو ته پاڻ قطب وقت جا هوا. حضرت ڄامي قدس سره، عمدة المقامات ۽ نفحات الانس کان ۽ صاحب حدائق الورديه جي ذهبي کان آندو آهي ته بعضي جملا جي شريعت سان لاڳو نه آهن ۽ مشهور آهن ته حضرت بايزيد قدس سره جا فرمودا آهن، اها ڳالهه صحيح نه آهي هائو، ڪي نڪتا اهڙا فرمائيندا هوا جو زماني وارا اهو نه سمجهندا هوا ۽ ڪين هنن سان جٽيندا هوا ۽ شهر کان لوڌ ڏيندا هوا. جيئن ته ڪين ست ڀيرا لوڌيائون. جنهن پيري به حضرت جن کي لوڌيائون ٿي هنن جي ڪمن ۾ خلل ٿي پيو ۽ انهن منڪرن تي بلائون نازل ٿي ٿيون، آخر سندن ويچ هڪڙو جو يقين ڪيائون ۽ سندن تعظيم بجا آندائون، جيئن ته علامه احمد حجر ذڪر جمن غير شرعن جي صحيح نه هجڻ جو بيان آڻي چيو آهي.

قُلْتُ أَبُوْ يَزِيْدَ يُسَلِّمُ لَهُ حَالُهُ - وَاللّٰهُ مُتَوَلِّي السَّرَائِرِ - وَلَمَّا تَكَلَّمَ فِي عُلُوْمِ الْحَقَائِقِ لَمْ يَفْهَمْهَا أَهْلُ عَصْرِهِ كَلَامَهُ رَمَوْهُ بِالْعَظَائِمِ وَنَفَوْهُ مِنْ بَلَدِهِ سَبْعَ مَرَّاتٍ وَهُمْ فِي كُلِّ مَرَّةٍ يَخْتَلُّ أَمْرُهُمْ وَيَنْزِلُ بِهِمُ الْبَلَاءُ حَتَّى أَذْعَنُوا وَأَجْمَعُوا عَلَى تَعْظِيْمِهِ[1]

[1] آئون چوان ٿو ته ابويزيد جو حال سلامتيءَ وارو هو (ان ڪري مڃيو) ۽ الله رازن جو مالڪ آهي. جڏهن اُن حقائق جي علمن ۾ ڳالهايو ته سندس زماني جي ماڻهن ان جي ڪلام کي نه سمجهيو، ان ڪري مٿس وڏيون تهمتون رکيائون ۽ ست ڀيرا شهر کان لوڏي ڪڍيائون. هو ته انهن هر ڀيري سندن ڪمن ۾ خلل اچي ويندو هو ۽ مٿن مصيبتون ڪري ڪندي ٿيون هيون ته هنن سڀني انهن جي ولايت بابت پڪ ٿي ۽ متفق ٿي انهن جي تعظيم ڪئي.

اخلاق ۽ ارشاد

سندن خلق نبوي صلي الله عليه وسلم جي خلق سان لڳو هو - پاڻ پرهيزگاري ۽ شريعت نبوي صلي الله عليه وسلم جي احڪامن تي پورا مستقيم هوا جيئن ته حالات مان ڪجهه گذري آيو - فرمايائون ته ولي الله دعا جي قبول هجڻ جي سبب خوش نه ٿا ٿين، دعا جو قبول ٿيڻ خود ڪرامت آهي، جهڙو پاڻي تي هلڻ ۽ هوا تي هلڻ ۽ گهڙيءَ ۾ پنڌ گهڻو ڪرڻ، جو ته دعائون ڪارڻ جون نه قبول ٿيون ٿين ۽ گهڙيءَ ۾ گهڻو پنڌ ڪرڻ ڪجال ۽ شيطانن کان به ٿو ٿئي ۽ هوا تي پکي به اڏامن ٿا ۽ پاڻي تي مڇي به هلي ٿي پوءِ جي آهي ڪنهن کي نعمتون مليون الله جَلَّ جَلَالُهُ جي مڪر کان امن وارو نه ٿئي فرمايائون تيهه ورهه گذري ويا آهن انهيءَ مُدت ۾ جڏهن به زباني ذڪر ٿو ڪريان، اول وات ۽ زبان ٿو ڌوئان - اسم مبارڪ جي تعظيم لاءِ - فرمايائون ته موکي ڪنهن چيو ته تون هوا تي اڏامي ٿو جيم انهي ۾ ڪهڙو عجب آهي، اهي پکي جهن ڊوني کائڻ مرڪ آهي، سو به هوا تي اُڏامي ٿو، آئون ته مؤمن ماڻهون آهيان ماڻهو پکي کان شريف آهي - فرمايائون جيستائين ڪو ٻانهون پاڻ کان وڌيڪ ٿي کي ٻچڙو ڄاڻي ته اهو هٺيلو آهي - فرمايائون الله جَلَّ جَلَالُهُ کي سيني کان زياده اڌو اهو آهي جو خلق تي شفقت ٿو ڪري - فرمايائون عارف اهو آهي جو الله جَلَّ جَلَالُهُ جي ذڪر کان سستي نه ڪري ۽ خلق کان ملول نه ٿئي ۽ الله جَلَّ جَلَالُهُ جي ذڪر کان سواءِ ٻئي سان ورهه نه رکي - فرمايائون ته اسم اعظم وحدانيت يعني هيڪڙائي ۾ قلب وانده ڪرڻ آهي - جڏهن تو اهو اسم ڄاتو، پوءِ جنهن به اسم جو ارادو ڪندين ان سان مشرق مغرب جو سير ڪندين - فرمايائون پُڪ ڪڪرُ آهي، جڏهن ٻانهي کي پڪ تي پڪي اچي قلب تي حڪمت جو مينهن ٿو وسي - فرمايائون ته جڏهن رب جَلَّ جَلَالُهُ جي درگاه ۾ پيهين پاڻ کي چاڙه ته آئون مجوسي آهيان جوان جي درگاه ۾ جٽين کي ٿو ڪپيان فرمايائون وليّن جي محبت رک جيئن ٿو سان محبت رکن جو ته الله جَلَّ جَلَالُهُ پنهنجي وليّن جي دلين ڏانهن نظر ٿو فرمائي جي تنهنجو نالو وليّن جي قلب ۾ ڏسندو ته توکي بخشيندو فرمايائون جي ڏينهن قيامت جي الله جَلَّ جَلَالُهُ موکي شفاعت ڪرڻ لاءِ اذن ڏيندو ته اول انهن جي

شفاعت ڪندس جن مونکي ايذايو ۽ ڏکايو - فرمايائون ته گهڻا ڏينهن کليس ۽
گهڻا ڏينهن رُنس، اڄ نه کلان هوندس ۽ ان ٿو. فرمايائون ته الله جلَّ جلالهُ جي ذڪر
کان غافل رهڻ اهڙي سخت عقوبت آهي جو ته الله جلَّ جلالهُ کان اک ڇنڀ
غافل رهڻ دوزخ کان سخت آهي فرمايائون ته ذڪر تعداد جي گهڻائي هئڻ جو مطلب
ناهي بلڪ حضوري غفلت جو نالو آهي - فرمايائون دنيا دنيا دارن لاءِ غرور ۾ غرور ۾
آهي ۽ آخرت وارن لاءِ آخرت سرور سرور ۾ آهي - يعني خوشي خوشي ۾ ۽ محبت الله
جلَّ جلالهُ جي محبت وارن لاءِ نورٌ علىٰ نورٌ آهي - فرمايائون ماڻهو گمان ٿا ڪن ته خدا
جي وات سچ کان منهوڙ ۽ ڇني آهي آئون الله جلَّ جلالهُ کان سوال ٿو ڪريان ته مونکي
احياوات ڪوڻي ڏي اگرچه شيءِ جي مٺي جيتري هجي - فرمايائون "عرفت الله بالله و
عرفت ما دون الله بنور الله" يعني الله جلَّ جلالهُ کي الله جلَّ جلالهُ جي احسان سان
سڃاتم ۽ ماسوا کي ان جي نور سان سڃاتم - فرمايائون الله جلَّ جلالهُ وليُن جي قلبن
کان واقف ٿيو - هڪڙن کي ڏٺائون جي معرفت جي بار کڻڻ جي صلاحيت نٿي رکيائون انهن کي
عبادت ۾ مشغول ڪيائون - فرمايائون ولين سڳورن کي جيڪي حاصل ٿيو آهي، نبين
سڳورن على نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي اڳيان ائين آهي جيئن ماکي جي ماٽ کي
ڀريل مان هڪ ٽيپو - فرمايائون سچو عابد ۽ سچو عامل اهو آهي جو جهڙي ريت
سان سيني مرادن جو ٿوڪي ڇڏي ۽ محبت حق جي ۾ فنا ٿئي ۽ جو الله جلَّ جلالهُ کي
دوست ڪري ٿو ان کي دوست رکي ۽ جو الله جلَّ جلالهُ جو حڪم آهي ان جو تابعدار رهي
فرمايائون نيڪن جي صحبت نيڪ ڪم کان چڱي آهي ۽ ٻُرن جي صحبت ٻُري ڪم کان
ٻُري آهي - فرمايائون تون پاڻ کي اهڙو ظاهر ڪر جهڙو تون ڪونه آهين - فرمايائون الله جلَّ جلالهُ
جي محبت هي آهي جو دنيا ۽ آخرت کي دوست نه رکي - فرمايائون بک جي هڻ سبب تعريف ٿو
ڪريان، جي فرعون بکيو هجي ها "انا ربكم الاعلىٰ" يعني آئون اوهانجو وڏو رب آهيان
نه چوي ها - فرمايائون مردن جو ڪم آهي الله جلَّ جلالهُ کان سواءِ ڪنهن سان دل نه رکن
وفات سندن ۱۴ شعبان ۲۶۱ھ ۾ سئو ايڪهٺ ۾ شهر بسطام ۾ پيءِ جي نيڪر سان
واقع ٿي عمر شريف سندن هڪ سو ٽيٽيهه ۱۳۳ سال هئي تاريخ جو مادو مفتي صاحب هن
طرح آندو آهي - شيخ ڪونين بايزيد ولي   شاه والا ولي عاليجاه له صرع ۱۲۶

سال تولد او اگر خواهي	کن رقم بايزيد اهل الله ١٣٦ هه
هست ديدار انتقالش نيز	اهل دين بايزيد حق آگاه هه
باز مهدي هادي آفاق	پس بجوان حق طلب ولي الله هه

سنڌن وفات رات ابوموسيٰ قُدِّسَ سِرُّهٗ خواب ۾ ڏٺو ته جبرئيل عرش الاهي مٿي تي کنيون اٿم، صبح جو انهيءَ خواب جي تعبير ۾ حيران ٿي هيو تنهن حضرت بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ ڏانهن روانو ٿيو ته هي خواب وٽن عرض ڪري، جڏهن بسطام جي ڀرسان آيو ته ٻڌائين ته حضرت جن وفات ڪئي آهي ۽ تمام گهڻي خلق سندن جنازي تي حاضر آهي. جڏهن جنازو کنيائون ابوموسيٰ قُدِّسَ سِرُّهٗ ڪيترن وقتن خيال ڪيو ته جنازي جو پايو مونکي ملي پر نه مليس تنهن هيٺان جنازي مبارڪ جي وچ مٿو ڏنائين. جڏهن جنازو مبارڪ رکيائون، منهن مبارڪ زيارت لاءِ کوليائون. حضرت بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ اکيون مبارڪ کولي ابوموسيٰ ڏانهن منهن مبارڪ ڪري فرمايائون ته خواب جو تعبير هي آهي جو منهنجي جنازي کي مٿو ڏني (عرش الاهي جنازو بايزيد جو آهي) سندن وفات کان پوءِ ڪنهن کانئن خواب ۾ پڇيو ته الله جَلَّ جَلَالُهٗ توهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو، فرمايائون ته مون کان دريافت ڪيائون ته ڇا آندو اٿئي، مون عرض ڪيو ته ڪنهن درويش، جيڪڏهن درگاهه شاهي ۾ ايندو آهي، ان کي هيئن نه چوندا آهن ته ڇا آندو اٿئي، بلڪ هي چوندا آهن ته ڇا گهرين (حضرات القدس جلد اول) - حضرت مرشد الانس والجن خواجه قيوم جهان، عمدة المقامات ۾ نفحات کان نقل ٿا آڻن ته اهڙيطرح نيشاپور ۾ هڪ بندي عراقيه نالي پوڙهي زال هئي. جڏهن هن جهان مان لاڏاڻو ڪيائين، خواب ۾ ان کي ڏٺائون پڇيائون ته حال تنهن جو ڪهڙو آهي، چيائين ته مونکي چيائون ته تو ڇا آندو؟ چيم فرياد! ساري عمر مونکي هن دروازي ڏانهن حوالي ٿي ڪيائون ته خدا شال ڏئي - هاڻي ٿا چوو ته ڇا آندو اٿئي - حڪم ٿيو ته اها زال سچ ٿي چوي هن کي ڇڏي ڏيو - هي شعر حضرت سلطان العارفين بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ جو آهي:

قَدِمْتُ عَلَى الْكَرِيْمِ بِغَيْرِ زَادٍ مِنَ الْأَعْمَالِ وَالْقَلْبِ السَّلِيْمِ
وَحَمْلُ الزَّادِ أَقْبَحُ كُلِّ شَيْءٍ إِذَا كَانَ الْقُدُوْمُ إِلَى الْكَرِيْمِ

صو ٢٥٥ ع بايزيدؒ وليءَ نهين، جهان جو شيخ آهي ؛ بلند بادشاهه ولي، بلند مرتبي وارو آهي.
مر ١٣٦ ع تون جيڪڏهن ان جي ڄمڻ جو سال ڳولين ته ؛ تون بايزيد اهل الله لک
٣٤٥ ان جي وفات ديندار لفظ مان نڪري ٿي ؛ اهل دين بايزيد حق آگاه باقي صفحه ١٢٧

پڻ آهي سخي جي طرف بنان توشي ۽ ٿمر جي آبس ۾ اهو ٿمر چاهي عمل صالح ۽ قلب سليم هجي
جا هن اهڙي ڪريم وٽ ڇٽو پوي، تڏهن ٿمر ڳران ڪٺي وڃڻ اتي نامناسب آهي ڇوته سخي وٽ پيئي
آهي - بعضي انهيءَ شعر کي ميت جي ڪفن تي تا لکن - سندن مدفن مبارڪ ۾ اختلاف آهي - ڪيترن
جاءِن ۾ مقرر ڪيون اٿن - اهي جائون مان بسطام جا سندن ولايت آهي مدفن مبارڪ مشهور
۽ معروف آهي - فقير (حضرت قيوم جهان صاحب عمدة للقان) هڪ جاءِ عجيب جي ڏيهو بلخ
جي پسگردائي ۾ سندن مزار شريف جي زيارت کان مشرف ٿيو آهي - فيوض ۽ برڪتون هيبت
۽ گهڻي رحمت ان جاءِ تي مشاهده ڪيون اٿم - ان جاءِ کي سلطان العارفين جي نالي سان ٿا ڪوٺن،
ان جاءِ تي گول دڙي مٿاهين تي سندن قبر مبارڪ ناهي اٿن - يُزَارُ وَيُتَبَرَّكُ بِهٖ رَحْمَةُ اللّٰهِ عليه
وَعَلٰى سَائِرِ الصَّالِحِيْنَ - انتهىٰ - ملخصا

التجاءِ درگاهه حضرت بسطامي قُدِّسَ سِرُّهٗ

حضرت بايزيد بسطامي ... ني اسان جي ٿو نامي
آهن عالم سڄو تنهنجا تابع ... روم جي خلق ۽ بلاد شامي
شان تنهنجي سندي ٿا ڪن تعريف ... اهل عالم جا خاص ۽ عامي
شان تنهنجو جنهن بڌو منڪر ... سا ٿي مردود ٿي جڳ ڪامي
فيض جعفر امام جو تو وٽ ... وقت جا شيخ تو سندا ڪامي
تنهنجي حالات آهن منجهه نفحات ... جو لکيو آهه خواجه جامي
مدح تنهنجيءَ ۾ ڪيترا دفتر ... ويا لکي پوءِ ٿيا سڀ آرامي
ڏيل تنهنجي ڪيئي ٿيا واصل ... هڪ نظر ساوڻ سڀئي خامي
دان آنکان گهري تو ڏيهاڻي ... ٿل ستائي ٿيس منجهه سامي

حالات حضرت سلطان المشائخ خواجه ابوالحسن خرقاني قُدِّسَ سِرُّهُ الصَّمَدانِي

هي تون بودرياءِ عرفان جو ۽ قبول پيل درگاهه رحمان جو، قطبن ۽ غوثن جو سردار ابدالن ۽ اوتاد
جو مهندار، وحيد العصر فريد الدهر، نالو نامدار سندن علي بن جعفر آهي قَدَّسَ اللّٰهُ
سِرَّهُ الْاَقْدَس - سندن تصوف ۾ اويسي وات سان حضرت سلطان العارفين بايزيد

آمد طرلا تان - ان جي وفات ڏينهن لفظن ڪري ٿي :- اهل دين بايزيد حق آگاهه

بسطامي قُدِّسَ سِرُّهٗ سان انتساب آهي ۽ حضرت سلطان العارفين قُدِّسَ سِرُّهٗ سندن پيدا ٿيڻ کان اڳي خبر ڏني هُئي جنهن جو ذڪر صاحب مثنوي شريف جي تفصيل سان آندو آهي انهن ٽن بيت هت لکيم.

بعد چندين سال مي زايد شهي	مي زند بر آسمان خرگهي	١
رويش از گلزار حق گلگون بود	از من او اندر مکان افزون بود	٢
چيست نامش گفت نامش بوالحسن	حليه اش وا گفت ابرو و ذقن	٣

نقل آهي ته حضرت بايزيد بسطامي قُدِّسَ سِرُّهٗ جن هر سال شهيدن جي مقبرن جي زيارت ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. جڏهن وات ۾ خرقان وٽ پهچندا هوا ته هن ان جاءِ تي بيهندا هوا ۽ اهڙي نموني سان ساهه کڻندا هوا جڻ ڪا شيءِ کو سنگهندا هجن. مريد عرض ڪندا هوا ته حضرت اسان کي ته ڪا خوشبوءِ ڪا نه ٿي اچي او هين ڇا ٿا سنگهو. جواب ڏيندا هوا ته هن چورن جي ڳوٺ ۾ هڪ مرد جي خوشبوءِ ٿي اچي ان جو نالو علي ۽ ڪنيت ابوالحسن آهي ۽ ان ۾ ٽي ڳالهيون مون کان زياده هونديون ان تي بار عيال جو هوندو ۽ پوک ڪندو ۽ وڻ پوکيندو.

نقل آهي ته خواجه ابوالحسن رضي الله تعالى عنه ابتدا ۾ ٻارهن ورهين تائين سومهڻي جي نماز خرقان ۾ جماعت سان پڙهي سلطان العارفين قُدِّسَ سِرُّهٗ جي مزار پُر انوار تي ويندا هوا ۽ اُتي روح پُر فتوح ڏانهن متوجه ٿي برڪتن ۽ فيض جا منتظر ٿي بيهي رهندا هوا ۽ التجا ڪندا هوا ته الٰهي جو دگو تو بايزيد کي عطا ڪيو آهي ان مان ابوالحسن کي پڻ عطا فرماءِ ۽ وري موٽندا هوا ۽ سومهڻي جي وضوءَ سان صبح جي نماز جماعت سان پڙهندا هوا.

مولانا روزبهان اصفهاني حضرت شيخ عبدالخالق غجدواني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي شرح وصيت نامي ۾ خواجه ابوالحسن قُدِّسَ سِرُّهٗ جو سلسلو ڪيترن واسطن سان حضرت بايزيد بسطامي قُدِّسَ سِرُّهٗ سان هن طرح ملايو آهي - حضرت خواجه ابوالحسن خرقاني قُدِّسَ سِرُّهٗ مريد آهي مظفر مولانا ترڪ طوسي جو اهو مريد خواجه اعرابي يزيد عشقي جو اهو مريد خواجه محمّد مغربي جو، اهو مريد حضرت سلطان العارفين بايزيد بسطامي رحمة الله عليهم جو

---

١ ڪيترن سالن کان پوءِ هڪ بادشاهه ڄمندو، جيڪو آسمان تي آرام ڪندو
٢ ان جو منهن حق جي گلزار کان گل وانگر ٽهڪيل هوندو، مون کان مڪان ۾ وڌيڪ هوندو
٣ ان جو نالو ڇا آهي؟ جواب آيو ته ابوالحسن - ان جو حليه ظاهر ڪيائين سهڻو ڀرون ۽ کاڏي

شيخ ابو العباس قصاب رحمة الله عليه فرمائيندا هو ته هي منهنجي ارشاد جو معاملو
مون کان پوءِ خرقاني ڏانهن رجوع ٿيندو، اها پيش گوئي ٺيڪ پوري ٿي.

نقل آهي ته چاليهن ورهن تائين پنهنجو مٿو مبارڪ وهاڻي تي نه رکيائون ۽ صبح
جي نماز سومهڻي جي وضوءَ سان پڙهيائون.

نقل آهي ته هيڪر ڪين خانقاه جي درويشن جي وڏي جماعت سان ست ڏينهن
گذري ويا جو ڪجھ کاڌو نه مليو، هڪ شخص اٽو ۽ ٻڪري آندي ۽ سڏ ڪيائين ته صوفين
واسطي مون هيءَ خوراڪ آندي آهي. حضرت جن فرمايو ته توهان ۾ جو صوفي هجي ۽ ڪنهن ۾
ڪا همت ڪانهي جو صوفي هئڻ جي دعوىٰ ڪريان. غرض ته ڪنهن شخص نه اٽو ورتو ۽ نه
ٻڪري ورتي، اهو شخص ٻئي جنسون موٽائي کڻي ويو.

نقل آهي ته هيڪر هڪ شخص حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ وٽ آيو عرض
ڪيائين ته اوهين مونکي پنهنجو خرقو ڏيکاريو، پاڻ فرمايائون ته اول مونکي هڪ مسئلي جو جواب
ڏي، جي عورت مرد جو ڪپڙو ڍڪي ته مرد ٿي سگهندي؟ ان چيو ته نه، فرمايائون ته پوءِ خرقه
مان ڪهڙو فائدو جي تون مرد نه آهين، خرقه ڍڪڻ سان مرد نه ٿي سگهندين.

نقل آهي هڪ شخص وٽن عرض ڪيو ته اجازت ڏيو ته خلق کي الله جَلَّ جَلَالُهٗ جي
دعوت ڪريان، يعني وعظ، نصيحت ٻڌايان، انهن کي خدا جي رستي تي ٻيهڻ جي هدايت ڏيان
فرمايائون ته الله تعالىٰ جَلَّ جَلَالُهٗ جي طرف دعوت ڏيڻي ڪر پر خبردار دعوت پنهنجي طرف نه ڪج
ان عرض ڪيو ته دعوت پاڻ ڏانهن ڪيئن ٿيندي آهي فرمايائون ته پنهنجي طرف جي هي معنىٰ آهي
ته جي ٻيو ڪو شخص الله جَلَّ جَلَالُهٗ جي طرف دعوت ڪري ۽ توکي نا پسند لڳي ته اها علامت
پاڻ ڏانهن دعوت ڪرڻ جي آهي.

نقل آهي هيڪر سلطان محمود غزنوي جو خرقان کان لنگهڻ ٿيو، هڪ قاصد حضرت
خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن ڏانهن موڪليائين ته ڪين وٺي اچي ۽ ان قاصد کي چيائين ته
جي حضرت جن اچڻ جي نه ڪن ته هيءَ آيت يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَطِيعُوا اللّٰهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ
وَأُولِي الْأَمْرِ مِنْكُمْ ۚ [1] پڙهج، مطلب ته قاصد حضرت جن وٽ آيو پيغام عرض ڪيائين
پاڻ فرمايائون ته آئون أَطِيعُوا اللّٰهَ ۾ ايتري قدر غرق آهيان جو أَطِيعُوا الرَّسُولَ کان پڻ پشيمان

[1] سورة النساء رڪوع ٨ ترجمو: اي ايمان وارو فرمان برداري ڪريو الله جي ۽ فرمان برداري ڪريو رسول جي ۽ فرمان برداري ڪريو
حاڪمن جي جيڪي توهان ۾ آهن.

آهيان أُولِي الْاَمْرِ تہ بجاءِ خود رهيو. اِهو جواب قاصد اچي بادشاھ کي ٻڌايو، بادشاھ
اڪيلين ۾ پاڻ آنديءَ چيائين تہ اُتو تہ حضرت جن جي زيارت کان مشرف ٿيون
پوءِ اياز کي پنهنجا ڪپڙا ڍڪايائين ۽ ڏهن عورتن کي غلامن جا ڪپڙا ڍڪائي پاڻ اياز
جي اڳيان غلامن وانگر هليو، سنگتين سميت حضرت شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ جي حجري مبارڪ ڏانهن
منهن رکيائين. جڏهن حجري ۾ پهتو سلام ڪيائين. حضرت شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ سلام جو جواب
ڏنو مگر تعظيم نہ ڏنائون ۽ محمود ڏانهن ڌيان نہ لڳايائون ۽ اياز جو محمود غزنوي جو غلام هو
جنهن کي بادشاهي وڳو ڍڪايو هوائين ان ڏانهن ڪو خيال نہ ڪيائون. محمود چيو تہ سلطان
جي توهان تعظيم نہ ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ هي سڀ فريب آهي. محمود جو هٿ ورتائون
محمود چيو تہ ڪجهہ فرمايو، حضرت جن فرمايو تہ ڏهن نامحرمن کي ٻاهر موڪل. محمود اشارو ڪيو
سڀ ٻانهيون جن کي غلامن جا ويس هوا ٻاهر نڪري ويون. محمود عرض ڪيو تہ بايزيد بسطامي
قُدِّسَ سِرُّهٗ جون ڳالهيون ٻڌايو. فرمايائون تہ بايزيد فرمايو آهي تہ جنهن مون کي ڏٺو هو بدبختي
کان محفوظ رهيو. محمود چيو تہ پيغمبر خدا صلي الله عليہ وسلم کان پڻ زيادہ هو
ڇا؟ جو ابوجهل ۽ ابولهب حضرت رسول خدا صلي الله عليہ وسلم کي ڏٺو هو، باوجود
ان جي اهي بدبخت رهيا. حضرت شيخ ابوالحسن رضي الله تعاليٰ عنہ محمود کي فرمايو تہ ولات
سنڀالي ڳالهہ ڪر ۽ پنهنجي ولايت کان ٻاهر نہ رک، ابوجهل پنهنجي ڀائٽي محمدؐ کي
ڏٺو هو نہ محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم کي، اها ڳالهہ محمود کي پسند آئي ۽ چيائين
تہ مون کي نصيحت فرمايو. فرمايائون تہ پنجن ڳالهين جو خيال رک، جن ڪمن کان الله جل جلالہ
۽ ان جي حبيب پاڪ صلي الله عليہ وسلم روڪيو آهي، انهن کان پرهيز ڪر ۽ نماز جماعت
سان پڙهہ ۽ خدا جَلَّ وَعَلا جي خلق تي سخاوت ۽ شفقت ڪر. محمود عرض ڪيو تہ منهنجي
واسطي دعا خير جي گهرو. فرمايائون تہ آئون ڏينهن رات پنجن دعا گهرندو آهيان. اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ
لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۽ چيائين تہ خاص دعا ڪريو، فرمايائون، اي محمود تنهنجي
عاقبت محمود ٿئي. ان کان پوءِ محمود سلطان هڪ ٿيلهي اشرفين جي نذر رکي. حضرت
شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ هڪ جَوَن جي ماني محمود اڳيان رکي ۽ فرمايائون تہ کاءُ. محمود ماني کي
گهڻو چٻاڙيو، ماني نڙي کان هيٺ نہ ٿي لٿي. حضرت شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ماني شايد
نڙي ۾ ٿي وڃي. عرض ڪيائين تہ ها، حضرت ماني نڙي ۾ ٿي وڃي، پاڻ فرمايائون تہ تنهنجي

اشرفين جي ٿيلهي پڻ تو وانگر منهنجي نڙيءَ تي گهٽي ان کي ڪٽي وجھ، جو مون انکي طلاق
ڏني آهي. محمود عرض ڪيو ڪجھ ته قبول فرمايو، فرمايائون نه. وري محمود عرض
ڪيو ته مونکي ڪا نشاني ڏيو. پاڻ پنهنجو پيراهن مبارڪ ان کي عطا فرمايائون، محمود جي
موٽڻ وقت اٿي تعظيم لاءِ اٿيا حالانڪ جنهن وقت آيو هو تنهن کو التفات ڪونه فرمايو
هوائون، تنهن جو سبب پڇيائين، فرمايائون اچڻ وقت امتحان ۽ بادشاهي دٻدٻي
سان هئين، هاڻي عاجزي سان تنهنجو موٽڻ ٿيو آهي. حاصل ڪلام جڏهن بادشاهه
موٽي آيو، ڪن ڏينهن کان پوءِ سومنات تي چڙهائي ڪيائين عين جنگ جي حالت ۾ جڏهن
دشمن جو غلبو ڏٺائين گهوڙي تان ٽپ ڏئي لهي حضرت شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ جي پيراهن مبارڪ کي
هٿ مبارڪ جهلي دعا گهريائين ته يا الهي مُهابي هِنُ پيراهن جي فتح نصيب ڪر ان وقت
سگهوئي الله تعالى جَلَّ جَلَالُهٗ ان کي فتح ڏني. آندو اٿن ته انهيءَ رات محمود بادشاهه خواب
۾ حضرت شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ کي ڏٺو، فرمائن ٿا، اي محمود! تو منهنجي خرقي جي ڪا تعظيم
نه ڪئي، جي الله جَلَّ جَلَالُهٗ کان گهرين ها ته هن پيرهن جي مُهابي سب ڪافر مسلمان ٿين، جيڪر
سب ڪافر الله جَلَّ جَلَالُهٗ مسلمان ڪري ها. هيڪر حضرت شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ جن پنهنجي
مريدن ۾ ويٺا هوا سيني ڏانهن مخاطب ٿي پڇيائون ته ڪهڙي شيءِ چڱي ۾ آهي، مريدن
عرض ڪيو ته يا شيخ اوهين فرمايو. فرمايائون ته اها دل جنهن ۾ الله جَلَّ جَلَالُهٗ جي يادگيري هجي
ڪنهن پڇيو ته صوفي ڪنهن کي ٿا چئون، فرمايائون ته صوفي الفيءُ جي پاڻ ۾ مصروف
نٿو ٿئي. صوفي اهو آهي جو پاڻ نه هُجي ۽ فرمايائون ته صوفي اهو آهي جو ڏينهن جوان کي
سج جي ضرورت نه هُجي ۽ رات جو چنڊ ۽ تارن جو احتياج نه هُجيس بهرحال پاڻ علم
حقيقت ۾ بي نظير هوا. صاحب حديقة الورديه جي آندو آهي ته حضرت شيخ الاسلام
سيدنا عبد الله الانصاري رضي الله تعالى عنه جن فرمائيندا هوا "مَشَائِخِيْ فِيْ
عِلْمِ الْحَدِيْثِ وَالشَّرِيْعَةِ كَثِيْرُوْنَ وَاَمَّا شَيْخِيْ فِي الطَّرِيْقَةِ فَالشَّيْخُ
اَبُو الْحَسَنِ الْخَرَقَانِيْ وَلَوْ لَا اَنِّيْ رَأَيْتُهٗ مَا عَرَفْتُ حقيقة

يعني علم حديث ۽ شريعت ۾ منهنجا استاد گهڻا آهن پر طريقت ۾ منهنجو شيخ ۽ استاد
حضرت شيخ ابو الحسن خرقاني قُدِّسَ سِرُّهٗ آهي جي انکي نه ڏسان ها ته مان حقيقت کي نه
پروڙيان ها.

سندن ارشاد ۽ وفات

فرمايائون:- سچ ۽ صدق اهو آهي جا دل ۾ ڳالهه هجي.

فرمايائون:- جو ڪم الله جَلَّ جَلالُهٗ جي واسطي ڪبو سو اخلاص آهي ۽ جو ڪم خلق واسطي ڪبو سو ريا آهي.

فرمايائون:- اهڙي آدمي وٽ نه ويهه جو تون الله جَلَّ جَلالُهٗ چوين ۽ هو ڪجهه ٻيو چوي.

فرمايائون:- ته ڪڪ ٻيڙ اکر جيئن تنهنجي اکين مان پاڻي نڪري الله جَلَّ جَلالُهٗ انهن باهه کي دوزخ جي ستن کي.

فرمايائون:- جي ڪو شخص سرهند وڃائي ۽ ان جي وسيلي شاخدا ۽ جَلَّ جَلالُهٗ گهري ۽ ان کان چڱو آهي ته قرآن مجيد پڙهي ۽ خدا ۽ نه گهري.

فرمايائون:- رسول الله صلي الله عليه وسلم جو وارث اهو شخص آهي جو رسول الله صلي الله عليه وسلم جي ڪمن جي پيروي ڪري نه اهو جو ڪاغذ ڪارا ڪري.

فرمايائون:- حضرت شبلي رضي الله تعالیٰ عنه فرمايو آهي، آئون ته چاهيان ٿو جهنم گهران ٿي اٿاهه ڪڍا هٿ آڻي.

فرمايائون:- چاليهه ورهه گذري ويا اٿم جو منهنجي نفس ٿڌو پاڻي ۽ ڪتو ڏکيو آهي مگر اجا تائين ان کي نه ڏنو اٿم.

فرمايائون:- جهان ۾ عالم ۽ عابد گهڻا آهن. توهان کي انهن کان لنگهي وڃڻ گهرجي ۽ هي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته رات اهڙي طرح پوري ڪريو جو الله جَلَّ جَلالُهٗ پسند ڪري ۽ ڏينهن اهڙي طرح پورو ڪريو جو الله جَلَّ جَلالُهٗ پسند ڪري.

فرمايائون:- نماز ۽ روزا ته سڀ ڪن پر مرد اهو آهي جو سڄ ورهه انکي گذري وڃن مگر ڪي پاسي جو ملڪ جو پڄ ايون تو لکي سو ڪجهه نه ڏ ملڪ کي الله جي سامهون شرمندو ٿيئن پوي.

فرمايائون:- جو شخص دنيا مان نيڪي جو ڪالوڪٿي وڃي ان کي هن طرح ڪرڻ گهرجي جو دوزخ جي پرٿي ٻيهي جنهن کي الله جَلَّ جَلالُهٗ دوزخ ڏانهن موڪلي ان جو هٿ وٺي بهشت ۾ نئي.

فرمايائون:- ملائڪن کي ٽن جاين تي وڃڻ سڀني کان خوف ٿو ٿئي. هڪ عزرائيل کي ساهه ڪڍڻ وقت. ٻيو ڪراماً ڪاتبين کي لکڻ وقت. ٽيون منڪر نڪير کي سوال جي وقت.

فرمايائون:- خدا وارن مردن کي ڏک ڪونه ٿو ٿئي جي ڏک ٿو ٿئين نه به اڻ ٿو ٿئين.

فرمايائون:- صحبت الله جَلَّ جَلالُهٗ سان رکو خلق سان نه رکو جو ته هڪ غلطي کان ٻن ورهن جو ته ر الله جَلَّ جَلالُهٗ جي ذات کان پري تو ٿي.

فرمايائون:- جي تون دنيا جو طالب ٿيندين دنيا توکي غالب ٿيندي ۽ جي ان کان منهن ڦيريندين ته اها ان تي غالب ٿيندين.

فرمايائون:- درويش اهو آهي جو دنياءِ عاقبت جي رغبت نه ڪري ڇو ته اهي ٻئي شيون نه آهن جو انهن جو دل سان لاڳاپو ٿئي.

فرمايائون:- عالم ٿا چون ته اسين وارث رسول الله صلى الله عليه وسلم جا آهيون ۽ اسين ٿا چئون ته اسين آهيون جو بعضي معاملات رسول الله صلى الله عليه وسلم جا اسان ۾ ٿا لڀن ڇو ته آنحضرت صلى الله عليه وسلم جن درويشي قبول فرمائي هئي اسان پڻ درويشي قبول ڪئي آهي.

راقم الحروف:- اها تحقيق، مون مکتوبات شريف حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره النوراني ۾ چڱي طرح ڏٺي آهي. مطلب سندن هيءُ آهي ته عالم وارث نبين جا اهو جو ظاهر باطن جو واقف هجي.

فرمايائون:- جنهن جي قلب ۾ الله جل جلاله جي ناني کان سواءِ ڪا ٻي شي هجي اهو مئل دل آهي. اگرچه تمام گهڻي عبادت ٿو ڪري.

فرمايائون:- دين جي شيطان کان ڪو نقصان ۽ اند يشو ڪونهي بلڪ عالم ڪارن جو نصرد نيا جو هجي ۽ زاهد بي علم کان.

فرمايائون:- چاليهن ڏينهن کان مون ماني وغيره نه کاڌي آهي مگر مهمانن لاءِ ۽ آئون انهن جو طفيلي رهيو آهيان.

فرمايائون:- جي ساري جهان جي لقمون بنائي مهمان جي وات ۾ ڏجي ته به ان جو حق ادا نه ٿئي.

فرمايائون:- سيني کان زياده روشن دل اهو آهي جو ان ۾ خلق هجي ۽ سڀ ۾ چڱو ڪم اهو آهي جنهن ۾ اند يشو مخلوق جو نه هجي ۽ سيني کان حلال لقمون اهو آهي جو پنهنجي ڪوشش سان ٿئي ۽ سڀ کان چڱو اهو رفيق جو انجي زندگاني الله جل جلاله واسطي هجي.

فرمايائون:- ٽن شين جي چاڙي موکي معلوم نه ٿي آهي. هڪ چاڙي حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم جي درجن جي معلوم نه ٿيم. ٻيو نفس جي مڪرن جي چاڙي معلوم نه ٿيم ٽيون معرفت جي چاڙي معلوم نه ٿيم.

فرمايائون:- عافيت هيڪلائي ۾ ۽ ٻي سلامتي ماڻ ۾ -
فرمايائون:- جنهن مومنن سچا تو ۾ دوست رکيا، اُن خدا جل جلاله کي دوست رکيو ۽ حق جل شانه اُن کي دوست رکيو-
فرمايائون:- جوان مرد جو ڪائڻ الله جل جلاله جي دوستي هوندي آهي -
فرمايائون:- جنهن وقت الله جل جلاله خلق کي رزق ورهائي ڏنو ان وقت جوان مردن کي ڏک ڏنائين انهن ان جو شڪر ادا ڪيو-
فرمايائون:- نماز نفلي ۽ روزو نفلي چڱي جيز آهي پر غرور ۽ حسد دل کان دور ڪرڻ زياده چڱو آهي -
فرمايائون:- گهوڙو ٿوءِ نڪلو ۽ گهوڙو ماڻ ۾ گذاريو ۽ نڪالهايو ۽ گهوڙو ڏيو ۽ نه ڪا ٿو ۽ گهوڙو جاڳو نه سمهو -
فرمايائون:- جو شخص الله تعالیٰ جل جلاله جي ڪلام جي ميناج ۽ لذت کان مشرف نه ٿيو ۽ دنيا کان ويو يعني مري ويو جڻ سيئي چڱا پر ٿن ۽ آرام کان نااميد ٿي ويو -
فرمايائون:- خلقن ساڻ صحبت خاطرداري جي رکڻ گهرجي ۽ حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم جي صحبت انجي متابعت ۽ پيروي ڪرڻ سان ۽ الله تعالیٰ جل جلاله جي صحبت پاڪائي سان چونته اهو پاڪ آهي ۽ پاڪن کي پسند ڪري ٿو -
فرمايائون:- جيڪڏهن ڪو هڪ آرزو نفس جي پوري ڪري، ان کي الله تعالیٰ جل جلاله جي رستي ۾ ڪروڙن وسوسن پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي -
فرمايائون:- الله تعالیٰ جل جلاله جي دوستي ان شخص جي دل ۾ نه ٿي ٿئي جنهن کي خلق تي شفقت نه ٿي ٿئي -
فرمايائون:- گهڻا اهڙا آدمي آهن جو زمين تي گهمن ٿا، حالانڪ اهي مئل آهن ۽ گهڻا اهڙا آدمي آهن جو زمين ۾ سمهيل يعني دفن ٿيل آهن حالانڪ اهي جيئرا آهن
فرمايائون:- ستر ورهه گذري ويا آهن جو آئون الله جل جلاله جو ٻانهو آهيان ۽ مُدت ۾ هڪ پيرو به نفس جي مراد پوري نه ڪئي اٿم -
فرمايائون:- مونکي هڪ ڏينهن الهام ٿيو ته جيڪو تنهنجي مسجد ۾ اچي ان جو گوشت ۽ کل دوزخ جي باه تي حرام آهي ۽ جو شخص تنهنجي مسجد ۾ ٻه رڪعتون نماز تنهنجي حياتيءَ ۾ يا تو کان پوءِ ادا ڪري، قيامت جي ڏينهن عابدن جي ٽولي ۾ اٿندو -

فرمايائون: - ته هن مسڪين کي پسند آهي ته قرض ادا ڪري هن دنيا مان وڃان ۽ قيامت جي ڏينهن قرض گهرندڙ منهنجي دامن ۾ چنبڙن مگر هي مونکي پسند نه آهي جي ڪو سائل مونکي سوال ڪري ۽ ان کي حاجت پوري نه ڪري موٽايان -

جناب غلام سرور چشتي خزينة الاصفياء ۾ آندو آهي، جڏهن حضرت شيخ قدس سرهٗ جن کي وصال جا ڏينهن ويجها آيا - وصيت ڪيائون ته منهنجي قبر ٽيهه هٿ هيٺ کٽجو جو نه زمين بسطام جي خرقان جي زمين کان هيٺاهين آهي ۽ ادب جو ترڪ آهي، جو منهنجو جسم منهنجي مرشد حضرت بايزيد بسطامي قدس سرهٗ جي جسم مبارڪ کان مٿي ٿئي، جڏهن وفات ڪيائون ته اُن وصيت پوري ڪئي ويئي -

دفن ڪرڻ کان پوءِ هڪ وڏو پٿر اڇو تربت مبارڪ تي رکيل ڏٺائون اُن تي شينهن جا پير ڏسي يقين ڪيائون ته شينهن آندو آهي - ڪيتري مدت ڏٺائون جو شينهن جوڙي مزار پر انوار تي طواف ڪندو رهندو هو، جيڪو ماڻهو مزار پر انوار حضرت قدس سرهٗ جي پٿر تي هٿ رکي، جا حاجت الله جل جلاله جي درگاه مان گهرندو آهي، دعا انجي مقبول ٿيندي آهي - صاحب تذڪرة الاولياء جي حضرت شيخ فريد الدين عطار قدس سرهٗ دعا قبول ٿيڻ لاءِ اهو عمل مجرب لکيو آهي - انتهیٰ

جناب حضرت قطب الارشاد مرجع الاقطاب والاوتاد، منبع بحر عرفان، مظهر فيض الرحمٰن، حضرت مرشدنا ومولانا خواجه خواجگان مجدد وقت قيوم الزمان آقا حاجي حافظ محمد حسن جان ادام الله ارشاده على سائر المسترشدين ڪتاب انيس المريدين ۾ آندو آهي ته حضرت شيخ المشائخ مولانا خواجه ابو الحسن خرقاني قدس سرهٗ الصمداني کان منقول آهي ته جيڪڏهن منهنجي مريدن مان ڪنهن مشڪل ۾ سو ڀيرا چيو، "يا شيخ ابو الحسن خرقاني" ۽ سو پوري ٿيڻ کان پوءِ چوي ته "فلاڻو ڪم منهنجو الله جل جلاله کان گهر"، مشڪل ان جو آسان ٿيندو ۽ آئون صبر نه ڪندس درگاه احديت جي سوال گهرڻ کان، جيستائين مشڪل ان جو آسان نه ٿئي، ۽ بعضي مريدن گهڻا ڀيرا ان جو تجربو ڪيائون ۽ صحيح لڌائون تم ڪلامه الشريف ان جي سن وفات، موافق ڪتابن صحيحن، خصوصاً عمدة المقامات جي جيئن ٤٢٥ سنه چار سؤ پنجويهه هجري ۾ ٿي - مفتي صاحب تاريخ جو مادو هن طرح آندو آهي

ابيات

شاه خرقانی جناب بوالحسن   یافت چون از دهر در جنت مکان له

سال وصلش بوالحسن صدیق دین   می شود از خامهٔ سرور عیان ٢ه

بوالحسن قطب جهان محمود گو   هم دگر قطب الحسن اقدس بخوان ٣ه

شاه احسن گفت سرور رحلتش   نیز دل فرمود واصل مهربان ۴ه

سال تاریخش بقول مختلف   شد عیان قطب الحسن جان جنان ۵ه

گشت هم پیدا حسن بحر کمال   ارتحال آن شهنشاهِ جهان

التجا بارگاه حضرت شيخ ابوالحسن خرقاني الصمداني قدس سره

سڻ صدا منهنجي سگهو تون اي ولي خرقان جا   مهر ڪر مون تي مٺا اي دادلا ڏيان جا

فيض جنهن جو ٿو اچي اوهان کي بايزيد   هادي راهِ حقيقت اي بحر فيضان جا

تنهنجي ئي ارشاد جا طالب ليڪن سيرا ٿيا   پا هجن ايران توران ترڪستان جا

فيض تو ملڪين ۽ بو حضرت مجددي طفيل   مست ٿيا بلخي بخاري پڻ شهر طهران جا

ڪُنڊ ڪانا هي رهي جت فيض تنهنجو ناهه ٿيو   فيض تنهنجي تي فدا ٿيا ملڪ عربستان جا

شال ٿئي اولاد صالح تو گهران تو ڪا دعا   آسرو تو ۾ رکن ٿا اهل سڀ ايمان جا

سڻ لڳا جن سڏ ڪيو توکي اهڙي جو ڪم ٿيو   التجا تون ڪر جلد اوت اي قطب جهان جا

آنند ديهاڙي اوڍا جو نان آهي گيا   تون وسيلو مون سندي مقبول تون جهان جا

له شاه خرقاني جناب ابوالحسن — جڏهن زماني کان جنت ۾ جاءِ ورتائين

٢ه ان جي وفات جو سال "بوالحسن صديق دين" — سرور جي قلم مان پڌرو ٿئي ٿو

٣ه بوالحسن قطب جهان محمود چئو — پڻ ٻيو قطب الحسن اقدس پڙهه

۴ه سرور ان جي وفات جو سال شاه احسن — چيو پڻ دل چيو "واصل مهربان"

۵ه اختلافي قول تي ان جي تاريخ جو سال — ٿيو پڌرو "قطب الحسن جنان"

٦ه پڻ ٿيو پڌرو "حسن بحر ڪمال" — جهان جي ان شهنشاه جو لاڏاڻو ٿيو

حالات حضرت شيخ ابوعلي فارمدي طوسي قُدِّسَ سِرُّهٗ

هي تاج الاولياء فخر الانبياء محبت جو ٻيڙو هلائيندڙ درق، سرور ڪائنات صلي الله عليه وسلم جي سِڪ ۾ مُستغرق، سندن سينو الهي اسرار، سندن مجلس موجان بهار، سرمست، بارگاه احمدي - ڪُنيت سندن ابوعلي فارمدي آهي رضي الله تعاليٰ عنه تصوف ۾ حضرت خواجه ابوالحسن خرقاني رحمة الله عليه سان سندن نسبت جو لڳايو آهي - ۽ حضرت خواجه ابوالقاسم گرگاني کان، جا هو مريد شيخ ابوالحسن خرقاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جو هو، پڻ صحبت جو فيض ورتائون، اهوئي سبب جو انهي جاءِ تي ”طريقو“ ڪبوديه ”طريقي نقشبندي سان گڏ ٿو ٿئي - پڻ حضرت شيخ ابوعلي فارمدي قُدِّسَ سِرُّهٗ جو نالو مبارڪ فضل الله بن محمد آهي - تذڪره ۽ وعظ ۾ امام ابي القاسم قشيري تفسير ۽ رسالي جي صاحب جو شاگرد آهي - پاڻ فرمايو اٿن ته اول جواني ۾ آئون علم ظاهري پڙهڻ لاءِ نيشاپور ويو هوس، اتي ٻڌم ته شيخ ابوسعيد ابن ابي الخير ميهني کان آيا آهن ۽ وعظ ٿا فرمائن، آئون انهي زيارت لاءِ ويس ان جي صورت مبارڪ ڏسي عاشق ٿي پيس ۽ هن ٽولي (ولين) جي محبت منهنجي دل تي غالب ٿي وئي - هڪ ڏينهن گهر وينو هوس جو اوچتو منهنجي دل ۾ شيخ ابي سعيد قدس سره جي زيارت جو شوق ڏي ويو ۽ اهو وقت سندن ٻاهر نڪرڻ جو نه هو، ارادو ڪيم ته هاڻي نه وڃان مگر صبر نه آيو اٿي ٻاهر ويس جڏهن اُتي پهتس ڏٺم ته شيخ مريدن سوڌو ڪيڏانهن وڃي ٿا، آئون انهي پٺيان هلڻ لڳس - هڪ جاءِ تي پهتا آئون اهڙي جاءِ تي لڪي ويٺس جيئن شيخ جي نظر مون تي نه پوي - اتي سماع شروع ٿيو ۽ شيخ کي وجد عظيم پيدا ٿيو ايتري قدر جو پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيائين - جڏهن سماع کان واندا ٿيا ڪپڙا لاهي انهي ٽڪر ٽڪرا ڪيائون، هڪ آستين جدا ڪري رکيائون ۽ پڪاريائون ته اباعلي طوسي ڪٿي آهين مون دل ۾ خيال ڪيو ته حضرت شيخ نه مونکي سُڃاڻي ٿو نه ڏٺو اٿس - اباعلي ڪو ٻيو مريد آهي جنهن کي سڏي ٿو، اها ڳالهه دل ۾ ڪري ماٺ ڪيم ۽ ڪجهه جواب نه ڏنم، حضرت شيخ قُدِّسَ سِرُّهٗ وري سڏ ڪيو مگر مون وري به جواب نه ڏنو، ٽيئن ڀيري جڏهن سڏ ڪيائون تڏهن ڪنهن چيو ته توکي حضرت شيخ (قُدِّسَ سِرُّهٗ) سڏي ٿو، جڏهن آئون اُٿيس حضرت شيخ وٽ ويس حضرت

بيج قدس سره، ترڙيءَ آستين مونکي ڏني ۽ فرمايائون ته وڄ ۽ هن کي چڱي طرح قابو ڪج جو تون مونکي مثل هن آستين ۽ ترڙيءَ جي آهين - يعني جو تعلق آستين ۽ ترڙيءَ ۾ آهي اهو تو ۾ ۽ مون ۾ آهي - مون اهو ڪپڙو وٺي ادب سان آندو ۽ گهڻي حفاظت سان ڪيم ۽ مونکي انهيءَ خدمت مان گهڻو فائدو ۽ حال وارد ٿيو - جڏهن حضرت جن ٻيهلو ڪان هليا ويا، آئون امام ابوالقاسم قشيري وٽ ويس ۽ جو ڪجهه مون تي وارد ٿيو هو ان سان بيان ڪيم - ان فرمايو ته هاڻي اي فرزند علم پڙهه جيئن ته آئون علم پڙهندو رهيس پر ڏهاڙيون روشنائي وڌندي ٿي وئي - ٽن سالن تائين آئون علم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول رهيس - هڪ ڏينهن قلم مس جي ڪپڙي مان ڪڍيم، اندران اڇو نڪتو، مون اهيو بيان امام ابوالقاسم قشيري وان فرمايو، هاڻي تو ڪان علم منهن ڦيري ڇڏيو - هاڻي تون ان کان منهن ڦيري ڇڏ تنهن تي مون مدرسه کي ڇڏيو ۽ خانقاه ۾ آيس ۽ امام جي استاد جي خدمت ۾ مشغول ٿيس هڪ ڏينهن امام جو استاد غسلخاني ۾ ويو، مون ٻتي دولا غسل خاني ۾ وڌا، جڏهن استاد باهر آيو ۽ نماز پڙهي آيائين، فرمايائين ته هي ڪنهن غسل خاني ۾ پاڻي وڌو؟ مون خوف کان ڪجهه نه چيو ته متان سندن رضامندي جي مخالف هجي ٻيهر پڇيائون مون جواب نه ڏنو، ٽيئن پيري ورِي پڇيائون ته ڏهن مون عرض ڪيو ته آئون هيس تڏهن فرمايائون ته اي اباعلي جيڪي ابوالقاسم کي ستر ورهين ۾ مليو تو کي هڪ ڏول پاڻي جي ۾ مليو، هن کان پوءِ گهڻي مدت انهي خدمت ۾ مجاهدو ڪيم هڪ ڏينهن آئون ويٺو هوس اهڙو حال وارد ٿيو جو ان ۾ گم ٿي ويس هي حال مون امام جي استاد سان بيان ڪيو - ان فرمايو ته اي ابوعلي هن کان زياده منهنجو سلوڪ ڪو نهي، مون پنهنجي دل ۾ خيال ڪيو، مونکي اجا ٻئي پير جي ضرورت آهي جو هن درجي کان وڌائي - مون شيخ ابوالقاسم گرگاني جو نالو ٻڌو هوان وٽ طوس ڏانهن روانو ٿيس، جڏهن خدمت ۾ پهتس ان وقت پنهنجي مريدن ۾ ويٺا هوا، مون پهرين ڪعتون تحية المسجد نماز اداڪئي ۽ سامهون آيس پاڻ مراقبي ۾ ويٺا هوا - مٿو ڪنيائون ۽ فرمايائون، هائو، ابتدا توهانجي چڱي آهي جي توهانجي تربيت ٿئي ته هن مرتبي وڏي تي پهچندين - مون دل ۾ چاتو

ته منهنجو پير هئي آهي، ائي رهبس - پاڻ گهڻي مُدت تائين مونکي طرح طرح جا مجاهدا ۽ رياضتون ڪرايائون، ان کان پوءِ پنهنجي نياڻي جو نڪاح مون سان ڪرايائون اجا مونکي حضرت شيخ ابوالقاسم وعظ فرمائڻ لاءِ نه چيو هو، جو هڪ ڏينهن شيخ ابو سعيد وٽ مهيني ۾ ويس (مهيني شهر جو نالو آهي - ان فرمايو ته ابا علي سگهو توکان طوطي وانگر ڳالهيون ڪرائيندا - حضرت ابو علي فارمدي قُدِّسَ سِرُّهٗ جو فرمودو آهي ته هن ڳالهه کي گهڻا ڏينهن نه گذريا هوا، جو شيخ ابوالقاسم قُدِّسَ سِرُّهٗ مونکي وعظ ڪرڻ لاءِ حڪم فرمايو -

معلوم هجي ته حضرت خواجه بوعلي قُدِّسَ سِرُّهٗ حضرت شيخ ابوالحسن خرقاني قُدِّسَ سِرُّهٗ کان نيٺ تڪميل ورتي - اهڙي فيض ياب کان مشرف ٿيا جو هزارها ڇا خاص، ڇا عام، تائين فيض وٺڻ لڳا - صاحب خزينة الاصفياء جي حضرت امام غزاليؒ جي بيان ۾ آندو آهي ته حضرت امام غزالي قُدِّسَ سِرُّهٗ پڻ حضرت بوعلي فارمدي قُدِّسَ سِرُّهٗ جي مريدي کان مشرف آهي - سندن ارشاد خلاصا خلاصي ڪتاب ۾ هٿ نه آيم - تنهن ڪري چند ڏنم -

سندن وفات سال چار سؤ ست هتر ٤٧٧ هجري ۾ واقع ٿي - تاريخ جو مادو مفتي صاحب هن طرح آندو آهي -

چون علی راشد به علیین مقام | سال وصل آن ولی متقی
گو محمد بوعلی پیر مجیب ٤٧٧ | نیز مهدی مکرم بوعلی ٤٧٧

التجا بارگاه حضرت شيخ خواجه ابو علي فارمدي طوسي قُدِّسَ سِرُّهٗ

فارمد جا فيض وارا سُهڻا سيد يا بوعلي | ٿيا ڪيئن درگاه تنهنجي تي گدا يا بوعلي
خود غزالي پڻ ادهانجيو سندن خادم ٿيو | مرجع جن و ملڪ شاه و گدا يا بوعلي
ٿيو عطا حضرت ابوالقاسم کان دامادي شرف | هي نوازش ٿي مليو عز و علا يا بوعلي
ڪيترا ڦٿو تو هانجي مدح ۾ پورا ٿيا | سي ڳري ويا جن ڪئي تنهنجي ڳلا يا بوعلي
خواجه خرقان کان توکي ملي نعمت گهڻي | توکان سا نعمت وٺي يوسف لقا يا بوعلي
تون ٿيو عاشق سچو جادو اهو الله بخش | عشق تو آن کان ڪري خير الوري يا بوعلي.

مون کي حضرت محمد مصطفيٰ جي حُب ڏنو — ڪر قبول اهڙي اساجي مدعا يا بوعلي
ساري ڏيهاڙي تون توهانکي اچ ڪيوانجي مدد — دشمنانِ دين کي هڻ ڪي ڪلا يا بوعلي

حالات حضرت غوث صمداني خواجه ابو يوسف همداني قُدِّسَ سِرُّهٗ

هي ولي اڪمل پنهنجي وقت ۾ لاثاني، واقف اسرار، سبع المثاني، هر علم جو واقف هر حقيقت جو ڪاشف، وتن الاهي نور جو ظهور، سندن فرمودا نور في نور، شفيقن ۾ شفيق، ڪريمن ۾ اڪرم ۽ نسب مبارڪ سندن امام اعظم رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالىٰ عنه سان ٿو ٻڌجي — سندن والد شريف خواجه يعقوب بن خواجه عبد الاحد بن عبد الباسط بن طمطم بن قالون بن محمد اسماعيل بن امام اعظم، معظم، صوفي صافي ابو حنيفه ڪوفي رضي الله تعالىٰ عنهم اجمعين آهي — ڪِن نسبت باطني حضرت خواجه ابو علي فارمدي قُدِّسَ سِرُّهٗ کان مڃي پر شرح وصايا خواجه عبد الخالق غجدواني رضي الله تعالىٰ عنه ۾ لکيو اٿس ته حضرت خواجه ابو يوسف همداني سواءِ واسطي جي خواجه ابو الحسن خرقاني جو مريد آهي۔ حضرت قيوم جهان عمدة المقامات ۾ آندو آهي ته بارانئي حالت ۾ صحبت کان مشرف ٿيو آهي۔ هٰذا هُوَ الصَّحِيْحُ ۔ ۽ خرقو شيخ عبد الله جويني قُدِّسَ سِرُّهٗ کان پهريائون ۽ شيخ حسن سمناني جي صحبت ۾ پڻ حاضر رهيا سندن ڪنيت ابو يعقوب آهي۔ سندن عمر اسي ورهن جي هئي جو بغداد، اصفهان، عراق، خراسان سمرقند ۽ بخارا کي نائدا ۽ فيض ڏنائون۔ حديث شريف پڙهي وعظ فرمايائون، ماڻهن کانئس تمام گهڻون فائدو ٿيو۔ فتويٰ ۽ شرعي احڪامن ۾ ڪين قدرت ڪامله هئي علمن ۽ معرفتن ۾ قدم راسخ هين۔ ڪيترا علماء فقيه سندن خانقاه مجلس ۾ سدائين حاضر رهندا هوا۔ آذربائيجان، عراق ۽ خراسان جي ماڻهن کي فيض جي تربيت ڏنائون — خواجه ابو يوسف همداني قُدِّسَ سِرُّهٗ انهن مشائخن مان آهن جن جي صحبت ۾ حضرت غوث الثقلين جگر گوشهٔ حسنين ڪريم الطرفين حضرت سيد شيخ عبد القادر جيلاني رَضِيَ اللّٰه تعالىٰ عنه جن حاضر رهيا آهن۔ هڪ ڏينهن حضرت خواجه شيخ عبد القادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهٗ کي جو اڃا پاڻ جوان هوا، فرمايو ته توهان وعظ ڪريو، حضرت شيخ عبد القادر جيلاني قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ته آئون عجمي آهيان بغداد جي فصيحن اڳيان آئون ڪهڙي طرح بيان ڪري سگهندس۔ حضرت خواجه قدس سره فرمايو ته تو کي فقه، اصول فقه

۾ اختلاف مذاهب، لغت ۾ تفسير قرآن ياد آهي تون هر طرح انهن کان صلاحيت توکين
منبر تي اچ ۾ واعظ ڪر ۾ آئون تو ۾ اها چيز ڏسان ٿو جنهن جي پاڙ زمين ۾ ۽ شاخون
آسمان تي پهتيون آهن - حضرت خواجه ابو يوسف همداني قدس سره جو مذهب
حنفي هو - مرو ۾ رهندا هوا ورهي هرات ۾ آيا هوا تنهن کان پوءِ مرو کان ايندي
وات ۾ وفات فرمايائون - سٺ سال کان زياده فيض ۽ ارشاد جي مسند تي وينا ۽
قبوليت عظيم ٿي - پنهنجي وقت جا غوث الاغواث هو گهڻا ورهه آذربائيجان جي
جبل ۾ رهيا ۽ عادت هين جو سواءِ جمعه جي ٻاهر نه نڪرندا هوا - هڪ درويش
حضرت خواجه يوسف قدس سره وٽ آيو چيائين ته هاڻي آئون شيخ احمد غزالي
وٽ هيس ان درويش سان گڏ ٿي کاڌو انهيءَ وچ ۾ اکي غيبت يعني حالت اضطراب
جي ٿي تنهن کان پوءِ درويش کي فرمايائون ته هاڻي مون رسول الله صلى الله عليه وسلم
کي ڏٺو جو تشريف آندي اٿن ۽ منهنجي وات ۾ گراهه وڌو اٿن هيءَ ڳالهه ٻڌي حضرت خواجه
قدس سره فرمايو - تِلْكَ خَيَالَاتٌ تُرَبِّي بِهَا أَطْفَالُ الطَّرِيقَتِ - يعني ايهي (اهي) خيال آهن جن
سان طريقت جي (ناآموز) ٻارن جي پرورش ڪئي ويندي آهي -

نقل :- نقل آهي ته هڪ پيري عورت روئندي پٽيندي وٽن آئي عرض ڪيائين ته فرنگي
منهنجي ڇوڪر کي پڪڙي ويا آهن، دعا فرمايو ته اچي - پاڻ فرمايائون ته صبر ڪر پنهنجي
جاءِ تي وڃ تنهنجو ڇوڪر توکي گهر ملندو - اها عورت گهر موٽي آئي ته ڏٺائين في الواقع
ڇوڪر گهر موجود هو ان کان احوال پڇيائين، ڇوڪر چيو ته آئون هاڻي قسطنطنيه ۾
قيد هوس، نگهبان منهنجي چوڌاري هئا، اوچتو هڪ شخص جنهن کي مون
ڪڏهن نه ڏٺو هو ظاهر ٿيو ۽ ڪڇ ۾ مونکي هٿ ڏئي آيو - اها عورت حضرت
خواجه صاحب قدس سره جي حضور ۾ وئي ۽ پنهنجي ڇوڪر جو بيان ڪيائين - پاڻ
فرمايائون توکي خدا اجل جلاله جي حڪم کان عجب ٿو لڳي؟

نقل، آهي ته هڪ پيري حضرت خواجه صاحب قدس سره واعظ ٿي فرمايائون
ته فقيه عالم ابي موجود هوا، انهن حضرت خواجه صاحب قدس سره کي چيو ماٺ
ڪر تون بدعتي آهين، حضرت خواجه صاحب قدس سره فرمايو، موت اچي
توهان تي، توهين ماٺ ڪريو، غيرت ولي قدس سره جي اهڙو ڪم ڪيو جو انهيءَ جاءِ

۾ انهيءَ وقت ٻئي فقيه مري ويا.

نقل:- آهي هڪ ڀيري مدرسه نظاميه بغداد ۾ حضرت خواجه صاحب قدس سره جن واعظ ٿي فرمايو جو هڪ فقيه ابن سقا نالي اُٿيو ۽ ڪو مسئلو پڇيو پاڻ فرمايو ته جو تنهنجي ڪلام ۾ مان بوءِ ڪفر جي ٿي اچي ۽ تنهنجو موت دين اسلام تي نه ٿيندو. مُدت کان پوءِ هڪ نصراني خليفه وقت (جو روم کان آيو) ابن سقا اُن وٽ ويو ۽ ان سان صحبت ڪيائين آخر ڪار انکي چيائين ته آءٌ تون پنهنجو دين اسلام ڇڏ ته توکي ان ۽ تنهنجو دين قبول ڪندس پوءِ ته اهو نصراني انکي پاڻ سان همراهه وٺي ويو ۽ بادشاهه روم سان ملاقات ڪرايائون ۽ نصراني ٿي ويو تنهن کان پوءِ حالت ڪفر جي ۾ مري ويو (حالات مشائخ مجدديه)

حضرت مرشد الانس والجن قيوم جهان قُدِّسَ سِرُّهٗ عمدة المقامات ۾ آندو آهي ته ولادت حضرت خواجه يوسف همداني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي ڏيڍهن سومر تي ٢ صفر سنه ٤٣٠ چار سو ٽيه ۾ واقع ٿي ٻاراڻي حالت ۾ الله جَلَّ جَلَالُهٗ ذاڪرن منهن رڪيائون، علم ظاهري جي تحصيل ڪري حضرت شيخ ابو علي فارمدي قُدِّسَ سِرُّهٗ جي حضور ۾ تشريف نيائون ۽ اُتي سلوڪ طريقت ڪيائون ۽ حضرت خواجه ابوالحسن خرقاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي صحبت کان ٻاراڻي حالت ۾ پاڻ کي مشرف ڪيائون. ست ٽيهه ٣٧ حج پيادا ڪيائون ۽ ڪيترا هزار ختمان قرآن جا ڪندا هوا ۽ جا رات جو نماز پڙهندا هوا، نماز جي سيڪهن رڪعتن ۾ سيپارو قرآن جو پڙهندا هوا ۽ ست سو ٧٠٠ ڪتاب تفسير، حديث، فقه، اصول ۽ فروع جا ياد هين. ٻه سو ٽيهن ڪاملن مرشدن جي ملاقات ڪيائون ۽ فيض ورتائون ۽ ستن هزارن بت پرستن کي مسلمان ڪيائون ۽ پنهنجي قوت گذران لاءِ حاجت وقت پنهن ڪمن سان گذ ڪيتي ٿي ڪيائون، اڪثر عمر مبارڪ پنهنجي مسافري ۾ ٿي گذاريائون، تين همدان مان سمرقند ۾ آيا ۽ شادي ڪيائون. سيڪهن ئي مهيني ۾ سمرقند جي عالمن ۽ سردارن کي دعوت ڏني ڪيائون ۽ بحث علم شريعت جو ٿي ڪرايائون. گهڻو ڪري حضرت خضر علىٰ نبينا عليه الصلوٰة والسلام سان صحبت ٿي ڪيائون ۽ تير چڱو ٿي چٽيا ڪرين، قدن ۽ ڪنن جي سور لاءِ دوائي ڏنائون. آڪر تمام سنا ٿي لکيائون. اڏاوت ڪرائي ۽ ڪنهن

شيءِ کي ملڪيت ۾ آڻڻ جي مشغولي نه فرمايائون - تپ يا ٻين بيمارن لاءِ تعويذ
ڪي لکيائون، بازار جي پڪل شيءِ نه کاڌائون - دستار مبارڪ وڏي ۽ آستين ڪوتاه ۽
ڪشادو ڪي رکيائون ۽ حجري شريف ۾ تڏي ۽ تل ۽ قراغند (قاف جي زير ۽ ري
سان هڪ لباس کي چوندا آهن جو جنگين ۾ ڪم ايندو آهي پڻ سوڙ کي به چئبو آهي)
۽ بن وهاڻي ۽ ڪوزي کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪين ڪي ڇڏيائون ۽ تدريس ڪي فرمايائون
۽ نفل ۽ نماز ۽ روزا گهڻائي ڪيائون ۽ مشائخن قدس الله تعالى اسرارهم جون گهڻيون
مريدن ۽ صحبتون سان ڪي ڪيائون - حضرت مولانا جامي قدس سره نفحات ۾ تو
آڻي ته پڇاڙي ۾ مرو ۾ وڃي رهيا - اتاهون وري هرات ۾ آيا ڪا مدت رهائي
گذاريائون تنهن کان پوءِ مرو وارن عرض ڪيو ته اسان ڏانهن وري اچو تنهن کان
پوءِ وري مرو ۾ آيا وري هرات ڏانهن تشريف فرما ٿيا - وري مرو ڏانهن ارادو فرمايائون
وات ۾ وصال حقيقي کان مشرف ٿيا - سڀ کي فوتي جي جاءِ تي اهو خزانو الهي مدفون ٿيو
مدت کان پوءِ ڪن مرو ڏانهن نقل ڪيائون - وفات سنه ٥٢٨ اٺاويهين محرم جي
ٿي - وفات وقت مريدن کي فرمايائون ته پاڻ ڪوس ڪر پوءِ پنهنجي ٽنهين خليفن کي
وصيتون ڪيائون يعني سلطان احمد سيوي قدس سره کي سوره فاتحه ۽ نازعات
۽ يٰس جي پڙهڻ جو حڪم فرمايائون ۽ هي بيت زبان مبارڪ سان پڙهيائون

درکوئی تو عاشقان جان بحالی بدهند ڪه آنجا ملک الموت نگنجد هرگز

وفات وقت حضرت خضر عليه السلام ۽ حضرت الياس عليه السلام ٻي گهڻي
جماعت ابدالن ۽ اولياءَ قطبن سان حاضر ٿيا پاڻ فرمايائون ته غوث وقت جي ڪي
جو هاڻي هت حاضر آهي، انکي منهنجي پير ساڻ دفن ڪجو، وصيت پوري ڪرڻ
کان پوءِ روح مبارڪ عروج فرمايو - اهو غوث ڏانهن جو اشارو فرمايو هوائون
ان پڻ وفات ڪئي ٥٣٥ھ پنج سؤ پنج ٽيه ۾ اهو واقعو فاني جو ٿيو عمر مبارڪ
سنه پنجانوي ورهيه ٿي - مزار فيض آثار سنه مرو ۾ مشهور ۽ معروف آهي -
يُزار و يتبرڪ به رحمة الله تعالى عليه -

سنه وڏا خليفا چار هوا - خواجه عبدالله برقي - خواجه حسن انداقي - خواجه
احمد سيوي - خواجه جهان خواجه عبدالخالق غجدواني رضي الله تعالى عليهم

اهي سڳورا اُهي آهن جن کان فيض بي حد بي شمار ساري دنيا ۾ پکڙجي ويو، پيا سڳورا خلافت کان مشرف ٿيل پڻ گهڻا آهن، تن مان خواجه شاه عانقري، شيخ نظام الدين ماتريدي، خواجه محمد، خواجه گازروني کلابادي- خواجه محمد شوخين، خواجه حليم بيل غانقري، ابو موسىٰ، امام يحيٰ، خواجه اسحاق، امام سليمان عارف ترک، خواجه مهلد، خواجه قرش- خواجه آدم ساداري ۽ خواجه رباط وَغيره قَدَّسَ اللهُ تَعَالىٰ اَسْرَارَهُمْ، آهن ۽ طريقو مَا نَحْنُ فِيْهِ جناب حضرت خواجهٔ جهان عبدالخالق غجدواني سان جوڙ ٿيس طريقي خواجگان جو آهي توبگي، قَدَّسَ اللهُ تَعَالىٰ اَسْرَارَهُ الْعَزِيْزُ تَمَّ ڪَلَامُهُمُ الشَّرِيْفُ-

صاحب حدائق الوردية في حقائق اجلاءِ النقشبندية ۽ خزينة الاصفياء جو ٿو آکي ته شيخ نجيب الدين علي بزغش شيرازي قُدِّسَ سِرُّهٗ ٿو فرمائي ته مشائخن جي ڪلام جون ڪي خبرون مونکي هٿ آيون جن جو مطالع ڪيم نهايت خوش ٿيس دل ۾ چاهيم ته واقف ٿيان ته هي خبرون ڪنهن جيون تصنيف آهن ۽ انهن جي ڪلام مان جي پيو به ڪجهه هٿ لڳيم ته تمام چڱو ٿي- هڪ رات خواب ڏٺم هڪ وڏي عمر جو، شان ۽ هيبت سان ڀريل، اڇي ڏاڙهي مبارڪ ۽ صورت نوراني سان منهنجي خانقاه ۾ آيو وضوءَ جي جاءِ تي اهڙن وضو ڪرڻ لاءِ ويو- هڪ جُبّو اڇو ڍڪيل هوس ان تي موچارن اکرن، سونهري پاڻي سان آية الڪرسي لکيل آهي ان جُبّي کي لاهي مونکي ڏنائين ان جي هينان ساڳو جُبّو ڍڪيل، ان کان وڌيڪ تنهن تي اُهوئي نمونو وانگر آية الڪرسي سونن چڱن اکرن سان لکيل هئي- اهو پڻ مونکي ڏنائين ۽ چيائين ته قابو ڪر جيستائين وضو سارايان، جڏهن وضوءَ کان واندو ٿيو، چيائين ته هنن جبن مان هڪڙو توکي ٿو ڏيان جنهن کي به اختيار ڪرين، مون چيو ته اختيار اوهان جي هٿ ۾ آهي، پوءِ مونکي جُبّو ساڳو ڏنائون ۽ پنهنجي هٿ سان مونکي ڍڪايائون ۽ فرمايائون ته مونکي سڃاڻين ٿو؟ چيم نه، فرمايائون ته آئون مصنف انهن جزن جو آهيان جنهن جو طالب هئين منهنجو نالو يوسف همداني آهي ۽ جنهن ڪتاب جون خبرون توکي هٿ آيون آهن ان ڪتاب جو نالو "زبدة الحيات" آهي ۽ پيا به منهنجا ڪتاب گهڻا جڙيل آهن تن مان چڱا ڪتاب، مثل "منازل السالکين" ۽

"منازل السائرين" آهن - جڏهن خواب ڪان جاڳيس تمام خوش ٿيس ته ڪلامه الشريف معلوم ڪري ڳهرجي ته حضرت خواجه صاحب قدس سره جا خلفاء جيڪي آهن ڪن جا احوال مختصر پين ڪتابن ۾، مثلاً عين الحيٰوة معرب رشحات - حدائق الورديه ۽ خزينة الاصفياء وغيرها ۾ آهن - مون اختصار سببان نه آندا آهن -

پر ظاهر هجي ته سندن ڪرامتون ايتريون قدر آهن جو قلم کي لکڻ جي توفيق نه آهي صاحب حدائق الورديه جي آندو آهي "وظهر على يديه ڪرامات لا تحصىٰ ولا تعصىٰ" ۽ سندن مريدن جو تعداد ڪنهن نه ڪري سگهيو آهي، جيئن ته ساڳي بزرگ آندو آهي "وللشيخ قدس الله سره مريدون لا يحصون عددا" - بهرحال ياڻ صورت معنيٰ ۾ يوسف مثال هوا - حضرت يوسف صديق على نبينا عليه الصلوٰة والسلام جيئن جمال اظهار ڪري ڏيکيو آهي، تيئن هن مرد مولا قدس سره جو

جناب مفتي صاحب تاريخ جو ماده چا نه چگو فرمايو آهي -

همه دانِ همه خوان يوسف همدان ڪنداد ـــ بحسن و صورت و معنيٰ ست بي شڪ يوسف ثاني [3]

بي توليد پاڪش صوفي محمود يوسف گو ـــ دگر تاريخ توليدش بخوان مقبول رباني [4]

زهيدي نور دين يوسف بخوان تاريخ رحلتش ـــ هم عاليجاه عالي قدر وصل او ست اي جاني [5]

مفتي صاحب وٽ ولادت سنه ٤٤٠ ۽ سنه ٤٤١ جو قول اختيار آهي -

التجا بارگاه حضرت خواجه يوسف همداني قدس سره

خواجهٔ يوسف سگهو ڏيکار پنهنجو جمال ـــ ڪڏهن ڪان باهر ٿو مولا تو هانڪي هي ڪمال

پير تون عالم سڀئي محتاج تنهنجي آهي ـــ رهبر راهِ شريعت مچ سگهو منهنجي سوال

تشنگي طاري ٿيم ڪاوٽ ڪر ارشاد جي ـــ شرع جي تابو ٿيان جانان فرقہ حقت حلال

عبد خالق غجدواني تو سندي طالب ٿيو ـــ عارف و محمود ۽ رامیتني، سيد ڪلال

هي سجاد رياه جاري فيض تنهنجي ماڻيا ـــ نقشبندن جو مربي صاحب رهبيت جلال

ظاهري ۽ باطني مرض گهڻو جيئرا کير ـــ اي مسيحا ڪر نظر تون موت جي بهر ذوالجلال

دل ڏيهاڻي جي ڳهر بو، ڏيکار جو ديد تون ـــ ٿي سنده ما و للاصلح، علم ۾ ڀي تون ڪمال

---

[1] سنڌ س هتي بي اڃا ڪرامتون ظاهر ٿيون [2] ۽ شيخ قدس الله سره جا ايترا مريد آهن جو ڳڻيا ڪرا تو ممڪن نه آهي [3] يوسف همدانا بي ذڪر و جالو ۽ وڌو ڀڙ هيل هو - سندس ذات، حسن، صورت ۽ معنيٰ ۾ بي شڪ يوسف جو ثاني هئي [4] ٤٤٠ ان جي ولادت پاڪ بابت چئو صوفي محمد يوسف، سندس ولادت جي تاريخ پڙهو مقبول رباني ٤٤١ — ٥ بي ص ٥٣٥

حال حضرت خواجهٔ واقف اسرار رحماني عبدالخالق غجدواني قدس سره

هو صاحب ڪرامت جو شمس کان زياده مشهور، جنهن جي مقامات کان انڪار ڪنهن نه ڪيو مگر بي نور چمڙي، عارف، عالم، صوفين جو سرتاج، شريعت جي مجلس کي روشن ڪندڙ، سراج وهاج، هادي گمرهان، سرحلقه سلسله حضرات خواجگان قدس الله تعالیٰ اسرارهم جو آهي.

پاڻ حضرت امام مالڪ رضي الله تعالیٰ عنه جي اولاد امجاد مان آهن، سندن والده ماجده سلطان روم جي نسل مان هئي. سندن والد بزرگوار جو نالو مبارڪ عبدالجميل جو امامن وڏن ۽ ولين وڏن پر هيڪارن مان هو ۽ حضرت خضر عليه السلام جو صحبت دار هو. ڪتاب عين الحيوٰة ۽ حدائق الورديه وغيرهما ۾ ثابت آهي ته حضرت خضر عليه السلام امام شيخ عبدالجميل قدس سره کي بشارت ڏني هئي ته تنهنجي گهر ۾ نينگر پيدا ٿيندو ان جو نالو عبدالخالق رکج ۽ ان کي مون پنهنجي فرزندي ۾ قبول ڪيو. انکي پنهنجي نسبت کان بهره مند ڪندس، هن کان پوءِ اهڙو اتفاق ٿيو، جو امام شيخ عبدالجميل قدس سره، سببان حوادثات زماني جي روم کان ماوراءالنهر ڏانهن آيو. هڪ شهر غجدوان (غين جي پيش جيم جي جزم دال ۽ واو جي زبر سان) جو بخارا سان متصل آهي مقيم ٿيو ۽ اتي حضرت خواجه صاحب عبدالخالق غُجدَواني قُدِّسَ سِرُّهٗ تولد ٿيو.

نقل آهي ته پاڻ پنهنجي استاد صدرالدين رحمة الله عليه وٽ تفسير ٿي پڙهيا جڏهن هن آيت تي پهتا. اُدْعُوا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ ۝ (يعني گهرو رب پنهنجي کي زاريءَ ۽ ڳجهائي سان تحقيق الله جل جلاله نٿو دوست رکي حد کان لنگهندڙن کي) استاد کان پڇائون ته الله تعالیٰ جل جلاله جو خفيه فرمايو آهي، ان ذڪر ڪرڻ جي ڪهڙي وات آهي. جيڪڏهن ذڪر ڪندڙ ذڪر تزاديان ڪري يا بروقت ذڪر عضون کي چوري يا ان تي غير واقف ٿي پوي پوءِ اهو ذڪر خُفيه يعني ڳجهو نه ٿو ٿئي ۽ جي دل سان ذڪر ڪري ته پوءِ موافق حڪم حديث

آڌل صفحه ١٣١ تان ۽ پسند سي لالاڻي جي تاريخ لاءِ پڙهو: مهدي نور دين يوسف (٥٣٥) پڻ عالي جاه عالي (٥٣٥) وصال ان جو آهي اي پيارا.

اَلشَّيْطَانُ يَجْرِيْ فِيْ عُرُوْقِ ابْنِ اٰدَمَ مَجْرَى الدَّمِ [1] شيطان واقف ٿو ٿئي - استاد فرمايو ته هيءُ علم لدني آهي، جي الله جَلَّ جَلَالُهٗ جي ارادي ۾ آهي، تنهن ڪري اهل الله توکي تعليم ڏيندو. پوءِ حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ هميشه اهڙي شخص جي انتظار ۾ رهندو هو اتفاقاً جمعي جي ڏينهن پنهنجي باغ جي در وٽ بيٺو هو ته هڪ شخص وڏي عمر جو آيو حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن انکي گهڻي تعظيم ڏني. حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ کي ان بزرگ فرمايو، اي جوان آئون توهان ٻنهي بزرگن جا توهان سان صحبت ڪيل بيعت وٺي اٿئي ياد. حضرت جن فرمايو ته مدت گذري وئي آهي جو انهن ٻنهي ڳالهه جي تلاش ۾ آهيان. پير مرد فرمايو ته اي جوان! آئون خضر آهيان توکي مون فرزندي ۾ قبوليو ۽ هڪ سبق توکي ڏيان ٿو، ان تي هميشگي ڪر ته تنهنجي ڪم جي ڪشادگي ٿيندي. وري فرمايو تون ته حوض ۾ ٻڏي دل ۾ چئو، لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ - حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ اهڙيءَ طرح ڪيو ۽ سبق وٺي پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿيو ۽ ڪشايش عظيم ٿين، اهو ذڪر قلبي ڪيئن حضرت خضر عليه السلام کان مليو جيئن ته عين الحياة ۾ آهي تَلَقَّنَ الذِّكْرَ الْقَلْبِيَّ اَيَّامَ شَبَابٍ عَنِ الْخَضِرِ عَلَيْهِ السَّلَامُ وَكَانَ يُوَاظِبُ عَلَى الذِّكْرِ الْمَذْكُوْرِ (عين الحيوة معرب رشحات ص٢٦) [2] وري جڏهن حضرت خواجه يوسف همداني قُدِّسَ سِرُّهٗ بخارا ۾ آيو ته انجي صحبت کان مشرف ٿيو جو ڏنائين ته اهيا ساڳي وات ذڪر قلبي جي حضرت خواجه يوسف همداني قُدِّسَ سِرُّهٗ کي الله جَلَّ جَلَالُهٗ عنايت ڪئي - حضرت غجدواني ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. اها ڳالهه صحيح ۽ ثابت آهي جيئن ته عين الحيوة واري آندي آهي وَلَمَّا قَدِمَ الْخَوَاجَه يُوْسُفُ الْهَمْدَانِيُّ قُدِّسَ سِرُّهٗ اِلٰى بُخَارَا حَضَرَ الْخَوَاجَه عَبْدُ الْخَالِقِ صُحْبَتَهٗ وَعَلِمَ اَنَّ لَهٗ اَيْضًا اِشْتِغَالًا بِالذِّكْرِ الْقَلْبِيِّ فَاغْتَنَمَ صُحْبَتَهٗ وَلَازَمَهٗ مُدَّةَ اِقَامَتِهٖ بِبُخَارَا [3] (عين الحيوة معرب رشحات ص٢٦)

اها ساڳي تقرير حضرت مرشد الجن والانس خواجه قيوم جهان قُدِّسَ سِرُّهٗ

---

[1] شيطان ٿو هلي آدم جي اولاد جي رڳن ۾ مثل هلڻ رت جي رڳن ۾ ١٢

[2] ان پنهنجي جواني ۾ جي ڏينهن ۾ قلبي ذڪر خضر عليه السلام کان ورتو پوءِ ان ذڪر تي دوام ڪندو رهيو ١٢ [3] جڏهن خواجه يوسف همداني بخارا ۾ آيو ته خواجه عبد الخالق سندس صحبت ۾ حاضر ٿيو ۽ ان جاتي ور تو ته هي بزرگ به قلبي ذڪر ۾ مشغول رهي ٿو ته ان ڪري سندس صحبت کي غنيمت جاتو ۽ جيستائين هو بخارا ۾ هو تيستائين وٽن رهيو ١٢

عُمدة المقامات ۾ آندي آهي، باقي جو قول ذڪر ڪرڻ جو حالات مشائخ مجدّديه
وارن ۾ لکيو آهي ته خواجه صاحب يوسف همداني قُدِّسَ سِرُّهٗ ڪندو هو سو قول غير
صحيح معلوم ٿيو وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالصَّوَابِ جيستائين حضرت خواجه يوسف همداني
قُدِّسَ سِرُّهٗ جن بخارا ۾ هوا، سندن خدمت ۾ رهيا ۽ فائدا گهڻا حاصل ڪيائون
پير سبق حضرت خواجه (عبدالخالق غجدواني) حضرت خضر عليه السلام هو ۽ پير صحبت
حضرت خواجه (عبدالخالق غجدواني) حضرت يوسف همداني (قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهُمَا) هو
جڏهن حضرت خواجه عبدالخالق رضي الله تعاليٰ عنه حضرت خواجه يوسف
همداني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي خدمت مبارڪ کان جدا ٿيا گهڻي مدت تائين جبلن
۾ رياضت ۾ مشغول رهيا ۽ ڪنهن کي ان جو اطلاع نه هو ته حضرت خواجه صاحب
قُدِّسَ سِرُّهٗ جن ڇا ٿا ڪن. هڪڙي ڏينهن پاڻ عبادت خاني ۾ ڦري [illegible]، مريدن
عرض ڪيو ته اوهان جا هن قسم جا عمده اطوار ۽ هيتري قدر خوش اخلاقي هوندي
به اوهان جي خوف ۽ روئڻ جو ڪهڙو سبب آهي. فرمايائون ته جڏهن وقت الله جل جلاله
جي بي نيازي جو خيال ٿو ڪيان ته نزديڪ ٿو ٿئي جو ساه قالب کان نڪري وڃي ۽ هي
انهيءَ سبب کان خوف ٿو ٿئي جو شايد سواءِ ارادي ۽ سواءِ اطلاع جي مون کان
اهڙو ڪم سرزد ٿي ويو هجي جو اللّٰهُ جَلَّ جَلَالُهٗ کي ناپسند هجي جنهن جاءِ
تي به پاڻ وهندا هوا. سبحان خوف خدا جي ائين معلوم ٿيندو هو گويا ڪين قتل
ڪرڻ واسطي وهاريو اٿن. حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن هڪ
ڏينهن فرمايو ته آءٌ هڪ پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ عبادت ۾ مشغول هوس ته ٻاهرين
ٻاڙي ۾ هڪ عورت رهندي هئي ۽ پنهنجي مڙس سان جهيڙو ٿي ڪيائين
۽ ٿي چيائين ته هيتري مدت گذري وئي آهي جو آءٌ تنهنجي گهر ۾ آئي آهيان
ڪڏهن اڃ ۾ صبر ڪيو اٿم، گرمي سردي جي تڪليف پاڻ تي ڪئي اٿم، جيڪو به تو ڏنو
ان تي قناعت ڪئي اٿم گهڻائي هڇڻ لاءِ نالو نه ورتم، تنهنجي عزت ۽ آبرو جي حفاظت
ڪئي اٿم، هي ڳالهيون سڀ ڪهڙي سبب سنم جو تون منهنجو آهين ۽ آءٌ
تنهنجي آهيان پر جيڪڏهن تنهنجو ٻئي طرف خيال هوندو ته آءٌ هين منهنجو هٿ
۽ خواجه عبدالخالق جي دامن هوندي. جيستائين آءٌ پنهنجو انصاف نه ڪرائيندس

انهي دامن نه ڇڏيندا. حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن فرمايو ته مونکي دل ۾ انهي ڳالهه جو گهڻو اثر ٿيو ۽ خيال آيم ته هڪ عورت مخلوق جي محبت ۾ ايتري قدر ثابت قدم آهي جو ان واسطي تمام سختيون ۽ تڪليفون پاڻ تي کنيون اٿس هي ڳالهه خدائي وات جي سالڪ لاءِ هڪ سبق هئڻ گهرجي جيئن ته مون خيال ڪيو قرآن شريف ۾ پڻ انهيءَ جي شاهدي آهي إِنَّ اللَّهَ لَا يَغْفِرُ أَنْ يُشْرَكَ بِهِ وَيَغْفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ - يعني الله جَلَّ جَلَالُهٗ ٿو فرمائي ته الله (جَلَّ جَلَالُهٗ) شرڪ کان سواءِ سڀ گناهه ٿو بخشي - انهي آيت ۾ رب عَزَّ نَوَالُهٗ حڪم فرمايو ته جي شرڪ ماسوا کي باطن ۾ وات ڏيندين ته تون هين منهنجي رحمت کان محروم رهندين -

هڪ ڏينهن حضرت خواجه قُدِّسَ سِرُّهٗ جي حضور ۾ ڪنهن درويش جي وات کان نڪري ويو ته جيڪڏهن مونکي بهشت ۽ دوزخ ۾ اختيار ڏيندا ته آئون دوزخ قبول ڪنديس، ڇو ته مون ڪڏهين نفس جي مراد پوري نه ڪئي آهي ۽ بهشت مراد نفس جي آهي ۽ دوزخ مراد محبوب جي آهي، تنهن ڪري مراد محبوب جي اختيار ڪندس - حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ، فرمايو ته پاڻهي ڪي اختيار سان ڪهڙو مطلب، جنهن جاءِ موڪلي اٿئي ۽ جنهن جاءِ تي رکي اٿئي رهي بندگي جي وات ته اِها آهي -

نقل - نقل آهي، هڪ ڏينهن حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن گهڻي جماعت سان ويٺا هوا اوچتو هڪ جوان فقيري لباس ڍڪي، ڪنڊ ۾ اچي ويٺو حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ انکي ڏسي سڃاتو، ٿوري دير کان پوءِ اهو جوان اٿيو، چيائين ته حديث شريف ۾ آيو آهي - اِتَّقُوا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَإِنَّهُ يَنْظُرُ بِنُورِ اللَّهِ [1] - انهيءَ جو ڇا مطلب آهي. حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ان جو هي مطلب آهي، پيءُ جو جنيو ٽوڙ ۽ ايمان قبول ڪر جوان چيو خدا لاءِ نه ڪري جو مونکي جنيون هوندو. حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ خادم کي اشارو ڪيو. خادمن جا ڪپڙا لاهي، ڏٺو ته جنيون موجود هو، جوان انهي گهڙي ۾ توبهه ڪئي ۽ ايمان قبول ڪيائين -

[1] مؤمن جي سمجهه کان ڊڄو، هو الله (جَلَّ جَلَالُهٗ) جي نور سان نگاهه ڪندو آهي.

نقل ۱: - نقل آهي، هڪ عورت مجذوبه اگهاڙي گهٽين ۾ گهمندي هئي، ماڻهن جو
ان کي چيو ته ڪپڙا ڍڪ. جواب ڏنائين ته هن شهر ۾ مرد ڪير آهي؟ جو ان کان
پردو ڪريان. هڪ ڏينهن صبح جي وقت نانوائي جي دڪان تي وئي، تنور ڪوسو
هو ان ۾ وڃي ويٺي ۽ چيائين ته هن تنور جو منهن بند ڪريو جو هاڻي شهر ۾ مرد
آيو آهي اهي ڪان پاڻ تي لڪايان. ٿوري دير ۾ تنور جو منهن کوليائون ۽ چيائون ته
ڪهڙو حال آهي؟ ان عورت چيو ته ڪپڙا آڻيو ته ڍڪيان. جڏهن ڪپڙا آندائون
تڏهن تنور کان نڪتي هڪ وار کي به نقصان نه ٿيو. سڀ حيران رهيا ۽ معلوم ڪيائون
ته هي ولياڻي آهي، ان عورت جڏهن ڪپڙا ڍڪيا سڀني قسم ڏئي پڇيس سچ چئو اهو
مرد ڪير آهي، جنهن کان تون پردو ٿي ڪرين. چيائين ته مون سان اچو ته آئون انجي زيارت
لاءِ ٿي وڃان. سڀ ٿي حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ وٽ وئي جو ان وقت حضرت
خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن غجدوان کان ٻاهر ۾ داخل ٿيا هوا. حضرت خواجه صاحب
قُدِّسَ سِرُّهٗ جن ان عورت جي تعظيم لاءِ اٿيا ۽ پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪيائون جو
اهي ۽ عورت سمجهيون يا نانوائي سمجهيون.

نقل ۲: - نقل آهي ته هڪ ڀيري حضرت خواجه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن مريدن
جي جماعت سان حج بيت الله شريف تي ويا، وات ۾ سڀني تي اُڃ غلبو ڪيو، اوچتو هڪ
کوه تي پهتا مگر ان کوه تي رسو ۽ ڏول رکيل ڪونه هو، مريدن کي نهايت نااميدي
ٿي. حضرت خواجه قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو، آئون ته نماز ٿو پڙهان اوهين پاڻي پيو
۽ وضوءِ ڪريو، مريدن جو اهو فرمودو ٻڌو، سمجهي ويا ته حضرت جن انهي
فرمودي ۾ ڪو ڳجهو اسرار رکيل آهي. پاڻي جي اميد تي وري کوه تي ويا ته ڏٺائون ته
حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جي برڪت سان کوه منهن تائين ڀريو
ويو آهي، سڀني پاڻي پيتو ۽ وضوءِ ڪيائون. هڪ شخص ٿانءُ پاڻيءَ جو ڀري ورتو
گهر ڏي ۾ کوه جو پاڻي تري تي وڃي پهتو. هي ڳالهه ڪنهن حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ
جي حضور ۾ عرض ڪئي، فرمايائون ته سڱتين الله جَلَّ جَلَالُهٗ تي ڀروسو نه
ڪيو ته قيامت تائين کوه جو پاڻي تري تي نه پهچي ها. عين الحيوٰة ۽ عمدة المقامات
۽ رشحات ۾ مرقوم آهي ته سندن ولايت ۽ ڪرامت ايتري قدر مرتبي واري ٿي

جو سڀ ڪنهن وقت نماز جي مڪه ﷺ شريف ويندو اهو ۽ وري موٽي ايندو اهو - شام
ولايت ۾ سندن مريد ايترا ته ٿيا جن جو شمار نه هو، اُن ڪيترين رباطون
پنهنجي نالي ٺهرايائون - عبارت "عين الحيٰوة" جي هيءَ آهي -

وَبَلَغَ وِلَايَتُهٗ وَكَرَامَتُهٗ مَرْتَبَةً كَانَ يَذْهَبُ فِيْ كُلِّ وَقْتٍ مِّنْ اَوْقَاتِ الصَّلٰوةِ
وَيَرْجِعُ وَظَهَرَ لَهٗ فِيْ وِلَايَةِ الشَّامِ مُرِيْدُوْنَ لَا يُحْصَوْنَ وَبُنِيَتْ رِبَاطَاتٌ
فِيْهَا عَلٰى اِسْمِهٖ وَجَلَسَ مُدَّةً فِيْ مَقَامِ الْاِرْشَادِ دَعْوَةِ الْخَلْقِ وَدَلَالَةِ الطَّالِبِيْنَ
عَلٰى طَرِيْقِ الْحَقِّ" تَمَّ كَلَامُهٗ مُلَخَّصًا (عين الحيٰوة معرب رشحات ص ٢٦) [1]

حضرت غوث الثقلين فريادرس قطبين قيومِ جهان قُدِّسَ سِرُّهٗ جن
عمدة المقامات ۾ ٿا آڻن ته هڪ مسافر ڏورانهين مُلڪ کان حضرت خواجه صاحب
قُدِّسَ سِرُّهٗ جن وٽ آيو هو. اوچتو هڪ جوان خوب صورت حضرت خواجه
قُدِّسَ سِرُّهٗ جن وٽ اچي دعا لاءِ عرض ڪيائين. حضرت جن ان کي دعا ڪئي
اهو جوان گم ٿي ويو ان مسافر پڇيو ته هي جوان ڪير هو، حضرت خواجه صاحب
قُدِّسَ سِرُّهٗ جن فرمايو ته هي مَلَڪ هو سندس رهڻ جي جاءِ چوٿون آسمان هو
ڪنهن تقصير سببان پنهنجي درجي کان لهي پهرين آسمان دنيا جي تي آيو هو، ملڪن
پڻ کي چيائين ته ڪهڙو حڪم ڪريان جو حق تعالىٰ مونکي انهيءَ ساڳي درجي تي پهچائي
ملڪن انکي هن جاءِ جو ڏس ڏنو، دعا گهرايائين انکي دعا ڪيم دعا الله جَلَّ جَلَالُهٗ
قبول ڪئي، اهو فرشتو ساڳي درجي تي پهتو ان مسافر چيو ته حضرت خواجه مونکي
ايمان جي دعا لاءِ مدد ڪريو جيئن هن ڦاهي شيطان جي مان سلامت نيان
حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ جو دعا گهري
قبول ٿي ٿي، فرض کان پوءِ تون مونکي دعا ڪج آءٌ تو کي ڪندس، انهيءَ وچ ۾
اثر دعا جي قبوليت جو منهنجي حق ۾ ۽ تنهنجي حق ۾ ظاهر ٿيندو تَمَّ كَلَامُهُ الشَّرِيْفُ

صاحب حدائق الوردية ۽ عين الحيٰوة ترجمه رشحات واري ڪتاب فصل الخطاب
کان، جو حضرت خواجه محمد پارسا جو خليفو خاص، مرهم دلهائي درمند حضرت

[1] سندس ولايت ۽ ڪرامت هن درجي تي پهتي هئي جو پاڻ نماز جي هر وقت ۾ مڪه (شريف) ويندو هو ۽ وري
واپس ايندو هو. شام ولايت ۾ سندن اڻ ڳڻيا مريد ٿيا ۽ انهن سندن نالي سان ڪيترا مسافرخانا ٺهيا ويا
ڪيترو عرصو پاڻ ارشاد، خلق کي دعوت ڪرڻ ۽ طالبن کي حق جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ ويٺا رهيا
پورو ديوان جو ڪلام انتخاب سان (عين الحيٰوة، رشحات جو عربي ترجمو ص ٢٦)

شاه نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ جو جوڙيل آهي - نقل ڪيو آهي ته ڪيفيتِ شغل حضرت خواجه عبدالخالق غُجدَواني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي طريقت ۾ محبت آهي ۽ مڙني فريقن وٽ مقبول آهي، پاڻ هميشه وانگ صدق ۽ صفاءِ متابعت شريعت ۽ سنّت حضرت رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي پوري ڀيل هوا پاسو ڪندڙ نفس کان ۽ مخالف حرص و هوا کان، گهڻو ڪري پنهنجو حال باطني اغيار (ذاڪرين) کان لڪائيندا هوا ۽ ذڪر قلبي ۾ مشغول رهندا هوا الخ-

؛سنڌن ارشاد ۽ وفات؛

فرمايائون:- تسليم هي آهي جو ڏينهن اَلَستُ جي نفس ۽ مال وڪڻي بهشت خريد ڪيو اٿس، اڄ پڻ تسليم ڪري، جو ته اَللهُ جَلَّ جَلَالُهٗ فرمائي ”اِنَّ اللهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ“[1] تسليم، نفس ۽ مال جي هن طرح ٿيندي آهي جو پنهنجي نفس کي حق سبحانه تعاليٰ جي ملڪيت سمجهي ۽ پاڻ کي حق جَلَّ جَلَالُهٗ وٽ وڪيل ڄاڻي ۽ جيستائين ٿي سگهي پنهنجي نفس ۽ مال سان خدا تعاليٰ جي ٻانهن سان سواءِ توري رکڻ جي نيڪي ڪري ۽ دنيا جي مال کي باطن ۾ جاءِ نه ڏئي ۽ پاڻ لاءِ حق تعاليٰ جي حڪم ۽ قضا کي تسليم ڪري يعني مڃي-

فرمايائون:- فراغت دل جي هن کي چئبو آهي جو دنيا جي محبت دل ۾ وانه رکي ۽ هي معنيٰ نه آهي جو دنيا جي ڪمن ڪارن کان آجو رهي، حق سبحانه تعاليٰ پيغمبر صلي الله عليه وسلم کي فرمايو ”فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ“[2] يعني جنهن وقت تمامي موجودات کان فارغ (دل) ٿئي ان وقت منهنجي خدمت ۾ مشغول ٿيءُ، جي ماڻهو خريد و فروخت ۽ خلق جي معاملا داري ۾ آهن باوجود انهي اَللهُ جَلَّ جَلَالُهٗ کان غافل نٿا ٿين انهن جي تعريف الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ٿو فرمائي ”رِجَالٌ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللهِ“[3] جي انهن ماڻهن مان ٿيو ته سُبْحَانَ اللهِ! ته اهڙن ماڻهن جي جان ۽ مال سان خدمت ڪرڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪريو ۽ انهن واسطي

[1] رڪوع ۱۴ سورة توبه ترجمه:- الله (تعاليٰ) مؤمنن کان سندن سر ۽ سندن مال هن ڪري ورتا جو کين بهشت انهن لاءِ آهي ۱۲ [2] سورة رڪوع ۵ ترجمه:- يعني اهڙا مڙس جو انهن کي واپار ۽ نه ڪي سودو الله جي ياد کان ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪواة ڏيڻ کان جهليندو آهي ۱۲

اسباب جمعيت ۽ فراغت جو تيار رکو، جيئن ته انهن جي دولت ۾ اوهانجو تعلق ۽ لاڳاپو رهي ۽ جاطاعت ۽ عبادت ان لقمي جي قوّت کان انهن مان ٿين کان ٿئي انجو ثواب هن شخص کي به ملي ۽ انجا درجا ۽ مقامات انجي عملن جي ڪتابن ۾ داخل ٿين ۽ قيامت جي ڏينهن انجي خدمت ۽ محبت ۾ اچي "اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ" جي بشارت کان مشرف ٿئي ۽ اهي حضرات خاصيت "لِيْ مَعَ اللهِ" جي وقت جي تارا کن، جنهن وقت قابل تصرف جذباتِ الوهيت جي تاثير، اهل زمين ۽ آسمان جا عقل (ذڪياڪم) ڪلي ٿا پون "جَذْبَةٌ مِّنْ جَذْبِ اللهِ تُوَازِيْ عَمَلَ الثَّقَلَيْنِ" ۽ ان وقت ان جاني مالي خدمت ڪرڻ وارا ي جو ڪجهه نصيب ٿو ٿئي، اهل مشرق ۽ مغرب جا ان جو حساب ڪري نٿا سگهن، ايتري درجي کي تو پهچي جيئن ته انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشاره هتي فرمايو اٿس وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَلَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا آلاٰيت۔ [1] يعني جو ڪجهه توکي حصو دنيا جو آهي، انکي الله جَلّ جَلالهٗ جي رضا ۾ خرچ ڪر۔

راقم الحروف:۔ هن حضرت جن جي ارشاد مان ولين سڳورن جي خدمت جاني مالي ڪرڻ جا فائدا اجاڳر ٿيا۔

فرمايائون:۔ نظر بر قدم جي معنيٰ هيءَ آهي ته سالڪ کي گهرجي ته واٽ هلڻ جي ۾ پنهنجي نظر، قدم گاه کان نه لنگهائي ۽ هر وقت نظر کي ور ور کي، سڄي کبي ڏانهن نه ڏسي جو اهو سبب فساد عظيم ۽ مانع حصول مقصود جو آهي۔

فرمايائون:۔ هوش در دم، يعني هوشيار رهڻ سالڪ جو سيکڻ پساه ۾ ته بيدار آهي يا غافل۔

فرمايائون:۔ سفر در وطن، يعني سالڪ جو صفات بشريه خبيثه کان صفات ملڪيه ڏانهن انتقال ڪرڻ۔

فرمايائون:۔ خلوت در انجمن، يعني سالڪ هر کي وقت خواه خلوت ۾ هجي يا نه هجي ڪانئن پنهنجي ڳالهائڻ ۾ پنهنجو قلب الله جَلّ جَلالهٗ سان مشغول رکي۔

فرمايائون:۔ يادڪرڻ يعني ذکر الله جَلّ جَلالهٗ جي ۾ هر وقت مشغول رهي۔

[1] سورة قصص پاره ٢٠ رکوع ٨

فرمايائون :- باز گشت ، يعني گهڻا پيرا ذڪر ڪري ڪمال عجز ۽ زاري سان دعا گهري ته ياالاهي مقصود منهنجو تون آهين ۽ پنهنجي رضا، محبت ۽ معرفت مونکي عطا ڪر -

فرمايائون :- نگهداشت ، يعني خطرا ۽ ڳالهيون نفس جون قلب کان دور ڪرڻ

فرمايائون :- ياد داشت ، يعني توجه سالڪ جو ذات بيچون ۽ بيچگون حق سبحانه جي طرف سوائ لفظن ۽ خيال جي ڪري -

فرمايائون :- وقوف زماني ۽ هوش در دم هڪڙي چيز آهي

فرمايائون :- وقوف عددي ، ذڪر پساه چڙهڻ وقت عدد اڪئي جو خيال رکي

فرمايائون :- وقوف قلبي جي مراد توجه سالڪ جو قلب جي طرف ٿئي جو هينئان کي ٻيي جي آهي -

راقم الحروف :- هي اصطلاح حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن کاماڻ ٿيا آهن جن تي بناءِ طريقي حضرات خواجگان قَدَّسَ اللهُ تَعَالیٰ اَسْرَارَهم جي آهي تحقيق هنن جي وڏن ڪتابن ۾ آهي -

هڪ ڏينهن حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن پنهنجي فرزند معنوي خواجه اولياء ڪبير قُدِّسَ سِرُّهٗ جو پنهنجي هٿ ۾ هٿ وٺي هي وصيت فرمايائون جي سڀ سُهڻا ارشاد آهن -

اي فرزند توکي وصيت ٿو ڪريان ته پرهيزگاري کي پنهنجي عبادت بنائي چڏ ، وظيفن ۽ عبادت تي قابو رهج - پنهنجي احوال جو مراقبو ڪندو رهج الله جَلَّ جَلَالُهٗ کان ڊڄندو رهج - الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جو حق ادا ڪج ، ماءُ پيءُ جي حق کي پڻ خيال ۾ آڻج ، جو اهي عادت کان الله تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهٗ وٽ مشرف ٿيندين - الله تعاليٰ جي فرمان برداري ڪر ته اهو تنهنجو نگهبان رهي - قرآن شريف خواه ياد خواه ڏسي پڙهڻ لازم ڪري ۽ نه قرآن شريف ذڪر، ۽ روئڻ سان پڙهج - علم جي پڙهڻ کان هڪ وک نه هٽ علم فقه ۽ حديث پڙهه - جاهل فقيرن کان ۽ عام ماڻهن کان پرهيز ڪج جو ته اهي دين جا چور آهن ۽ مسلمانن لاءِ ڦورو آهن - سُنَّت جماعت تي محڪم

رهجِ - امامن اڳين جي مذهب تي قائم رهجِ - جا بدعت ۽ نئون مذهب آهي
سو گمراهي آهي جو انهن ۾ رافضين ۽ لامذهبن ۽ بدعتين جي صحبت نه ڪجِ، جو
اهي تنهنجو دين برباد ڪندا - جي صحبت ڪنهن سان ڪرڻ گهرين ته فقيرن
سان ڪجِ - خلوت اختيار ڪجِ - حلال کائج جو حلال خير جي ڪنجي آهي - حرام کان
بچ نه ته حق تعالىٰ کان پري ٿيندين - اتهي ٻيري رهجِ، جيئن صبح لڳي قيامت
جي ڏينهن دوزخ ۾ نه سڙين - حلال ڊڪج - جيئن عبادت ۾ مِٺاج ٿئي - نماز
رات ڏينهن ۾ گهڻي پڙهه - جماعت نه ڇڏج - امام ۽ بانگو نه ٿج، دستاويزن
تي پنهنجو نالو نه لکج، قاضين جي ڪچهري ۾ حاضر نه ٿج، ماڻهن جي وصيت
جي وچ ۾ نه اچج، آدمين کان ائين بچج جيئن شينهن کان ٿو بچين، ڪوشش
ڪر ته جيئن گمنام رهين جيئن دين خراب نه ٿئي، سفر ڪر ته نفس جي خواري ٿئي
خانقاه ۾ نه ويهه نه خانقاه ٺهراءِ جي ڪنهن توکي بڇڙو چيو غمگين نه ٿئي، جي
ڪنهن توکي چڱو چيو، مغرور نه ٿي - ماڻهن سان حُسن خلق ۾ گذار، هر حالت ۾ نيڪ
۽ باادب رهه - خلقن تي شفقت ڪر، تهڪ ڏئي نه کل جو ته تهڪ کان غفلت پيدا ٿئي
۽ قلب تو مري - جناب حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي ته جيڪي مونکي
معلوم آهي جي توهانکي معلوم ٿئي ته جيڪر ٿورو کلو، گهڻو رُئو - الله جل جلاله جي عذاب
کان بي خوف نه هج الله جل جلاله جي رحمت کان نااميد نه ٿئي، خوف ۽ اميد جي وچ
۾ حياتي گذار، جو سالڪن جو اهو مقام آهي - ڪڏهن خوف ۽ ڪڏهن اميد - اي فرزند
جي ٿي سگهي ته نڪاح نه ڪجِ جو ته متان دنيا جو طالب ٿيئن ۽ دنيا جي طلب ۾ برباد
ٿيندين ۽ جي نفس جي نڪاح ڏانهن خواهش ٿئي ته ان سان مجاهدو ڪج -
راقم الحروف:- نڪاح جي روڪ ڪرڻ طالب کي مرشد ڪامل ڪندا آهن جيئن محنت
۾ فتور نه ٿئي - هن جو هي مطلب نه آهي ته اصلي انهن کان پري رهه نه ڪجي جو ته
ائين سنت نبوي جي مخالف آهي جيئن ته مڪتوبات شريف مان معلوم ٿو ٿئي -
هميشه آخرة جو ذڪر ڪر - موت کي گهڻو ياد ڪر جيئن حڪومت جو خواهشمند
نه ٿئين - طالب رياست (حڪومت) کي سالڪ طريقت نه چوڻ گهرجي - گهرجي ته هميشه
روزو رکج جو روزو نفس لاءِ مار آهي - فقر ۾ پاڪيزو رهه الله جل جلاله جي

واٽ ۾ حليم ۽ ثابت قدم هجي - مشائخن جي مال ۽ ٻارن ۽ جان سان خدمت ڪندڙ
هجي ۽ انهن جي دل جو خيال رکي - ڪنهن مشائخ جو منڪر نه ٿئي - هائو جيڪو شريعت
جي مخالف هجي تنهن جي انڪار سان ڪفر ڪونهي جو مشائخن جو انڪار ڪندڙ آهن سو
ڇوٽڪارو نه لهندو - ماڻهن کان ڪجهه نه گهري - پنهنجي واسطي ڪجهه گڏ نه ڪجي - حق
تعاليٰ جي ضامن هوڻ ۾ ڀروسو ڪجي - الله تعاليٰ جل جلاله ٿو فرمائي ته اي آدم آءٌ توکي ٽن
ڏهاڙين توکي روزي ٿو پهچايان تو پاڻ کي تڪليف نه ڏي ۽ توڪل جي ڀروسي تي ننڊ
ڪر - الله تعاليٰ جل جلاله ٿو فرمائي "وَمَنْ يَتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهُ ط" يعني
جنهن خدا تعاليٰ تي توڪل ڪيو، حق جل وعلا ان کي ڪافي آهي - يقين ڪر ته رزق
قسمت جو آهي، جوان مرد تي جو ڪجهه الله جل جلاله توکي ڏنو آهي خلق کي ڏي - بخل
۽ حسد کان پرهيز ڪندو رهه، ڇو ته بخيل ۽ حاسد قيامت جي ڏينهن دوزخ ۾ ويندا، پنهنجو
ظاهر نه سينگار، ڇو ته ظاهر سينگارڻ سبب خرابي باطن جي آهي - الله تعاليٰ جي واعدي
تي ڀروسو ڪر، سڀ خلق کان نااميد ۽ الله جل جلاله ۾ اميد رک - ڪنهن سان
محبت نه رک - سچ ڳالهاءِ - نفس سان پيار نه رکج - ضروري ڳالهه کان سواءِ ماٺ
۾ گذار - هميشه خلق کي نصيحت ڪندو رهه - کاڌو پيٽ گهٽ ڪر جيستائين کاڌي جو
احتياج نه هجي نه کاءُ - جيستائين ننڊ جو غلبو نه ٿئي نه سمهه ۽ ڏري جلد اٿ - سماع
يعني سرود ۽ سنڳ ۾ نه ويهه، ڇو ته سماع کان نفاق پيدا ٿو ٿئي - گهڻو سماع دل کي مئل ٿو
ڪري - سماع جو انڪار نه ڪر ڇو ته اهل سماع جا گهڻا آهن - سماع ان شخص
کي درست آهي جنهن جي دل جيئري هجي ۽ نفس مئل ۽ جنهن ۾ اهي ڳالهيون نه
هجن انهن کي نماز ۽ روزي ۾ مشغول ٿيڻ تمام موچارو آهي - گهرجي ته تنهنجي دل
هميشه ذڪر واري هجي، جسم نماز ۾، عمل خالص هجي، دعا تنهنجي مجاهدو، ڪپڙا تنهنجا
پراڻا، سنگتي تنهنجو درويش، تنهنجو گهر مسجد، تنهنجو مال مسئلا جا ڪتاب،
تنهنجو سينگار دنيا جو ترڪ، دوست تنهنجو خدا تعاليٰ هجي - جنهن شخص ۾ ٽي ڳالهيون
نه هجن انهن سان ياري نه ڪر - پهريون فقيري کي اميري کان زياده چاهي - ٻيو علم
کي دنيا جي ڪمن تي زيادتي ڏئي - ٽيون ذلت کي عزت کان پياري چاهي - چوٿون علم ظاهر
باطن جو واقف هجي - پنجون موت لاءِ تيار هجي - اي فرزند دنيا تي مغرور نه ٿي

صبح يا شام ڪو ڇ ڪندين - گهرجي ته خلوت ۾ هيڪلو ويهي خوف خدا جي ۾ دل کي عاجز ڪر - الله جَلَّ جَلَالُهُ جي عشق ۾ غرق ٿيءُ دنيا ۾ ائين حياتي گذار جيئن مسافر آهين دنيا کان ائين خالي ره جو قيامت جي ڏينهن معلوم نه ٿئي ته ڪو تون فلاڻي توڻي مان آهين - اي فرزند جيئن مون پنهنجي پير کان هي وصيتون سٺي ياد ڪيون هيون ۽ عمل ڪيو هو هو اهڙيءَ طرح تون به ياد ڪج ۽ ان تي عمل ڪج - الله تعالى تنهنجو دين ۽ دنيا ۾ نگهبان رهندو ۽ جنهن شخص ۾ اهي ڳالهيون ڏسين اهو پيروي جو لائق آهي ۽ جو انهيءَ جي پيروي ڪندو منزل مقصود تي پهچندو -

معلوم ڪرڻ گهرجي ته انهن نصيحتن ۾ منهنجي فرزند معنوي لاءِ هڪ جڳ رسالو لکيو اٿئي جنهنجو ، صاحب "حدائق الورديه" اشارو آندو آهي - هڪ درويش کان نقل آيو ته عالم جي عقوبت ڪهڙي چوندا آهن - ياڻ فرمايائون ته جنهن وقت عالم طلب آخرت جي کان رهجي دنيا جي طلب ۾ مشغول ٿو ٿئي ، الله جَلَّ جَلَالُهُ دنيا ۾ اها عقوبت ٿو ڏيئيس جو ميناج ۽ لذت عبادت ۽ بندگي جي ان کان کڄي ٿي وڃي ۽ اهو سُستي ۾ ڪچا ٻن کان رهجي ٿو وڃي ان وقت انکي عقوبت آخرت جي ۾ مبتلا ٿو ڪري -

۽ فرمايائون نماز جي اپتري ته ، خوف ۽ ڊپ الله جَلَّ جَلَالُهُ جو هجي ، جيڪڏهن تيرهئن ته به خير نه ٿيندو ، نماز جي خشوع جي اها معنيٰ آهي -

۽ فرمايائون ته ڪم آهن جو انهن مان هڪ کي پڻ دوست رکندو دوزخ انجي کنڌ جي رڳن کان وڃهو ٿيندو - اول عمدو کائڻ - ٻيو اميرن جي صحبت ۾ ويهڻ ٽيون عمدي پوشاڪ ڍڪڻ پر اهو ته هين جڏهن ٿئي ڪم نفساني هوا سببڪنداهو ندو -- راقم الحروف :- معلوم ٿيو ته عمدو کائڻ ، جهڙيءَ طرح گوشت کي حضرت رسول انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ جن محبت رکندا هوا - انهيءَ سبب گوشت يا ڪنهن ٻئي عمدي طعام جو سنّت سان لاڳو آهي " سا محبت ٿو ڪري ته فڪر ڪو هئي پوشاڪ ڍڪڻ محمدي صلى الله عليه وسلم جا شرع سان لاڳو آهي "زِيْنَتُوا مَسَاجِدَكُمْ" جي حڪم تي عمل ڪري ڍڪي ٿو ته به گناه ڪونهي ، جي صحبت اميرن جي ڪنهن خاص سبب ڪري جهڙو حضرت رسول انور صلى الله عليه وسلم جن قريش جي رئيسن وٽ ترغيب ڏيارڻ اسلام لاءِ ويندا هوا اهڙي طرح بيا ولي ڪامل پڻ بادشاهن وٽ انهيءَ دعوت اسلام جي

نيت سان رهيا آهن نه نفساني خيال سان.

حالات مشائخ نقشبندي ۾ واري مٿيان احوال گذريل نکي آيو ته، نقل آهي ته
جڏهن حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جو پويون وقت آيو مريدن ۽ فرزندن مان جيڪي
جوان وقت موجود هوا. اکيون کولي فرمايائون ته اي پيارا خوشخبري هجيو جو الله تعالیٰ
جَلَّ جَلَالُهٗ مون کان راضي آهي ۽ رضا جي بشارت ڏني اٿس. سڀ مريد روئڻ لڳا، عرض
ڪيائون ته اسان جي واسطي پڻ دعا فرمايو. پاڻ فرمايائون ته توهان کي مبارڪ هجي جو الله تعالیٰ
جَلَّ جَلَالُهٗ مون کي الهام فرمايو آهي ته جو شخص هن طريقي تي هلڻ ۾ تا عمر استقامت
يعني ثابت رکندو ان تي رحمت ڪندس ۽ ان کي بخش ڪندس. ڪوشش ڪريو جو
هن طريقي کان جدا نه ٿيو ۽ قائم رهو. ٿوري دير کان پوءِ هڪ آواز آيو يَا أَيَّتُهَا
النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ۝ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ۝ مريدن خيال ڪيو ته ڏٺائون
حضرت جن انتقال فرمائي ويا. إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ ۝

سندن وفات کان پوءِ ڪنهن اهل باطن جي خواب ۾ ڏٺو ته حضرت خواجه صاحب
قُدِّسَ سِرُّهٗ جن عرش جي هيٺان هڪ تخت نوراني تي ويٺا آهن ۽ ملائڪ چوڌاري گڏ ٿيا
بيٺا آهن ۽ الله جَلَّ جَلَالُهٗ جا سلام حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ کي پهچائين ٿا.
رحمة الله عليه رحمةً واسعةً.

سندن وفات ١٢ ربيع الاول سنه ٥٧٥ پنج سؤ پنجهتر هجري ۾ واقع ٿي. زيارت گاهه
غجدوان ڇه فرسنگ بخارا کان پري مشهور ۽ معروف آهي. جناب مفتي تاريخ جو
مادو هن طرح آندو آهي

عبد خالق غجدوانی شیخ حق — رفت از دنیا بفردوس برین
ارتحالش آفتاب کامل است — هم بفرما مطلع نور یقین
باز محبوب نبیّ مجتبیٰ — نیز تاج اولیا مهدیٔ دین

حالات حضرت خواجه عارف ريوگري قدس سره

هيءَ وڏن ولين مان تقويٰ ۽ ورع جو سينگار، حلم ۽ حياءَ جو دريا بي
ڪنار، رياضت ۽ عبادت ۽ سنت نبوي ۾ شان عالي رکندڙ، غجدواني فيض
جو سمونڊ عميق، وارث صدق صديقي، عدل فاروقي، حياءَ عثماني هيبت

حيدري. نالو مبارڪ سندن عارف ريوگري آهي قَدَّسَ اللهُ تعاليٰ سِرَّهُ الاقدس
اگرچه حضرت خواجهٔ جهان سر حلقه حضرات خواجگان حضرت خواجه عبدالخالق
غجدوانيءَ جا ٻيا به خليفه عالي شان رکندڙ هوا جهڙوڪ خواجه احمد صديق
۽ خواجه شيخ سليمان ڪرماني ۽ حضرت شيخ اولياء ڪبير قدس الله تعاليٰ سرهم
مگر سڀني خليفن ۾ اقدس ۽ اعظم حضرت خواجه عارف رضي الله تعاليٰ عنه
آهي - جيستائين حياتي صوري حضرت خواجه جهان جي هئي، سندن خدمت ۾
رهيا. سندن وفات کان پوءِ سندن ارشاد جي مسند تي ويهي هدايت خلق جي ۾
مشغول ٿيا - جناب حضرت وسيله جن يڪه هر مستمند مرهم دلهاءِ
درد مند حضرت شاه نقشبند قُدِّسَ سِرُّه جي نسبت باطني پڻ هن حضرت
سان ٿي ٻڌي. سندن مدح ايتري نه آهي جو هن ننڍڙي رسالي ۾ لکي سگهجن
سندن وفات پهرين شوال ٧١٦ھ - صاحب رشحات ۽ خزينة الاصفياء
جي قول تي سنه ٧١٥ھ ۾ واقع ٿي - عمر تمام گهڻي ٿي - مزار فيض آثار حضور جي
شهر "ريوگري" جو بخارا کان ارڙهن ميل پري آهي زيارتگاه عام خاص آهي
مادو تاريخ وفات جو مفتي صاحب هيءُ آندو آهي.

عارف آن عارف ولي خدا — متصل شد بوصل سبحاني
خواجهٔ اهل دين بگو سالش ٧١٥ھ — نيز عارف امين رباني
نيز درويش صادق آمد راست ٧١٥ھ — رحلت آن ولي يزداني

حالات حضرت خواجه محمود انجير فغنوي قُدِّسَ سِرُّه

هي ابرار شاد الهي - منبع برڪات نامتناهي - غوث وقت، قطب زمان، فخر
حضرات خواجگان - واقف رموز خفي وجلي. نالو مبارڪ سندن حضرت خواجه
محمود انجير فغنوي آهي قَدَّسَ اللهُ تعاليٰ سِرَّهُ الاقدس - هي حضرت خواجه عارف
ريوگريءَ قُدِّسَ سِرُّه جي وڏن خليفن مان آهي - جڏهن حضرت خواجه عارف
قُدِّسَ سِرُّه جو پوين وقت آيو تڏهن پاڻ انکي پنهنجو خليفو ڪيائون ۽ خلق
جي دعوت لاءِ اجازت ڏنائون. سندن ولادت جي جا انجير فغني (انجير همزه
جي زبر سان ۽ نون جي جزم سان، پوءِ جيم پوءِ يي ساڪن ري مهملي ترڪيءَ

۾ نالو مٿي جو آهي ۽ فغني فسان شهر بخارا جي پر سان آهي) بخارا جي پرسان واقع ڳوٺ آهي. پاڻ واهڪنيءَ ۾ رهندا هوا (حدائق الورديه وارو لکيو آهي واڪني واو مفتوح پوءِ الف پوءِ ٻي موحده ساڪنه پوءِ ڪاف پوءِ نون پوءِ ي تحتاني" شهر آهي بخارا جي پرسان ۽ انهي تربيت ۾ هدايت خلق جي فرمائيندا هوا. پاڻ سبب ان وقت مصلحت جي طالبن کي ذڪر جهري آواز سان پڙهڻ جي تعليم ڏيندا هوا اول شخص جنهن هن سلسله ۾ ذڪر ڪيو سو حضرت خواجه محمود آهي نه ته خواجه عبدالخالق غجدواني ۽ خواجه عارف ريوگري قدس سرهما جن ذڪر جهر نه ڪندا هوا. خواجه ڪبير قُدِّسَ سِرُّهُ جو فرزند ۽ خليفه حضرت خواجه عبدالخالق غجدواني رحمة الله عليه جو هو. خواجه محمود قُدِّسَ سِرُّهُ تي اعتراض ڪيو ته اوهين ٻين خلاف پيرن وڏن حضراتن سڳورن جي ذڪر ڏاڍيان اختيار ڪيو اٿو. حضرت جن جواب ڏنو ته مونکي حضرت پير خواجه عارف قُدِّسَ سِرُّهُ پوئين پساه ۾ فرمايو هو ته ذڪر ڏاڍيان ڪر. هن جاءِ تي حالات مشائخ نقشبنديه وارو لکيو آهي ته منهنجي خيال ۾ هي ڳالهه ٿي اچي ته پوئين پساه ۾ حضرت خواجه عارف قُدِّسَ سِرُّهُ جو ذڪر جهر لاءِ حڪم فرمائڻ ائين هو جيئن مريض جي پوين پساهن تي مريض وٽ وڏي آواز سان ذڪر ڪلمه جي ياد ڏيارڻ واسطي چوندا آهن. انهي جو مطلب حضرت خواجه محمود قُدِّسَ سِرُّهُ اجازت ذڪر جهر جي سمجهي.

نقل آهي ته مولانا حافظ الدين بخاري رحمة الله عليه جو وڏن عالمن مان ۽ حضرت خواجه محمد پارسا قُدِّسَ سِرُّهُ جو ڏاڏو هو. سان اشاره شيخ الحلوائي شمس الائمه حلوائي عالمن جي وڏي مجلس جي روبرو حضرت خواجه محمود انجير فغنوي قُدِّسَ سِرُّهُ کان پڇيو ته اوهين ذڪر جهر ڪهڙي نيت سان ٿا ڪريو. فرمايائون ته ستل جاڳن غافل خبردار ٿين ۽ استقامت شريعت ۽ طريقت سان هن وات تي اچن ۽ حقيقت توبهه ۽ انابت ڏاهن لاڙ ڪن. مولانا فرمايو ته اوهانجي نيت صحيح آهي اوهانکي اهو شغل مباح آهي پر ذڪر جهر جي ڪا تعريف فرمايو جنهن کان آشنا ۽ بيگانه ممتاز ٿين. حضرت خواجه محمود قُدِّسَ سِرُّهُ فرمايو ته ذڪر ڏاڍيان ڪرڻ

انکي درست آهي، جنهن جي زبان ڪوڙ ۽ گلا کان پاڪ هجي ۽ پيٽ حرام لقمي شبهي واري ۽ حرام مال کان صاف هجي ۽ ان جو قلب رياءَ کان اصلي بيزار ۽ پاڪائي ۾ رهندڙ ۽ انجو خيال ماسواءِ جي توجه کان خالي هجي. انهيءَ ذڪر جي شرطن جو بيان جناب مفتي غلام سرور چشتي "خزينة الاصفياء" ۾ بيان آندو آهي.

حضرت خواجه علي راميتني قُدِّسَ سِرُّهٗ سندن خليفه اعظم کان منقول آهي ته هڪ درويش حضرت خضر عليه السلام کان پڇيو ته هن وقت جي مشائخن مان جو پورو تابعدار شريعت جو هجي، اهڙو ڪير آهي جنهن جي مريديءَ کان مشرف ٿجي ان فرمايو ته خواجه محمود انجيري فغنوي. حضرت خواجه علي راميتني جي اصحابن مان هڪ جو چوڻ آهي ته درويش سائل کان مراد پاڻ حضرت خواجه علي راميتني آهي، پاڻ انهيءَ ڳالهه کي لڪايائون ته متان ڪو چوي ته فلاڻي حضرت خضر عليه السلام جي زيارت ڪئي آهي. اهو پويون قول صاحب "حسن الورديه" جي پاران آندو آهي.

نقل آهي ته هڪ ڀيري خواجه علي راميتني قُدِّسَ سِرُّهٗ حضرت خواجه محمود قُدِّسَ سِرُّهٗ جي مريدن سان ذڪر ۾ مشغول هوا ته اوچتو هڪ پکي اڇي رنگ جو هوا ۾ اڏامندو متان اچي لنگهيو ۽ چٽي زبان سان چيائين اي علي مرد ٿي ۽ پنهنجي ڪم ۾ مشغول رهه، ان پکي جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ انهيءَ آواز ٻڌڻ کان سڄي مجلس وارا نهايت فيض ۽ ظهور اسرار کان بي هوش ٿي ويا، جنهن وقت هوش ۾ آيا ته هن حضرت خواجه علي راميتنيءَ کان پڇيائون ته هيءُ ڪهڙو معاملو هو، حضرت خواجه قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ته هي پکي روح پر فتوح حضرت خواجه محمود فغنوي قُدِّسَ سِرُّهٗ جو آهي الله تعاليٰ جَلَّ جَلالُهٗ انکي قوت ڏني آهي جو هر روز جنهن جاءِ تي الله تعاليٰ حضرت موسيٰ سان ڳالهايو آهي اتي وڃي ٿو ۽ هر مخلوق جي صورت بنجي سگهي ٿو هن وقت خواجه دهقاني قلبي رحمة الله عليه جو (خواجه اولياء ڪبير جي اول خليفن مان آهي) وقت پويون هو، انهي دعا گهري ته يا الله منهنجي پڄاڻي وقت ۾ منهنجي مدد ڪر، تنهنجو ڪو دوست موڪل، جو انجي برڪت سان دنيا مان ايمان جي سلامتي سان وڃان، اهڙي رباني اشاره سان اعليٰ عليين کان حضرت خواجه محمود انجير فغنوي جو روح مبارڪ پرواز ڪري حضرت خواجه دهقاني جي پوئين وقت ۾ پهتو ان جي چڱي پڄاڻي ٿي، هاڻي

موٽندي، جنهن تہ مون سان گهڻي عنايت ۽ محبت اٿن، مون وٽ ٿورو فرمايائون هي نقل جنهن تہ "حالات مشائخ نقشبنديه" کان زياده خزينة الاصفياء ۾ لکيل آهي، اتاهون نقل ڪيم. سال وفاتي جو صاحب "سفينة اولياء" ۽ حالات مشائخ نقشبنديه جي سال ست سؤ ٻٽيهه لکيو آهي ۽ تذڪرة الاصفياء تذڪرة العاشقين جي روايت موافق سال ست سؤ سترهن آهي. تاريخ جو مادو از مفتي صاحب

چون مکان دد جنت محمود يافت	حامد و محمود شيخ الاصفياء ۷۱۵ه
شاه عرفاني است سالِ وصلِ او	هم بخوان محمود تاج الاصفياء ۷۱۵ه

حالاتِ حضرت خواجه علي رامتيني قدس سره

هيءُ شريعت ۽ طريقت جو باني ۽ معرفت حقيقت ۾ لاثاني، سندن توجه جو اڪسير ۽ مسڪينن دورن جو دستگير، خلق جون جنيون گڏيل بندن، هڪ گهڙي ۾ طالب کي وڏي درجه تي پهچائيندا هئا. نالو مبارڪ سندن حضرت خواجه علي راميتني آهي قُدِّسَ سِرُّهُ - پاڻ حضرت خواجه محمود قُدِّسَ سِرُّهُ جي وڏن خليفن مان آهن - جنهن حضرت خواجه محمود انجير فغنوي قُدِّسَ سِرُّهُ جو پويون وقت ٿيو تڏهن پاڻ حضرت خواجه علي راميتني کي پنهنجي خلافت حوالي ڪيائون ۽ مڙني پنهنجا مريد سندن حوالي فرمايائون - پاڻ حضرت خضر عليه السلام سان صحبت ڪندڙ هوا - حضرت خضر جي اشاري سان حضرت خواجه محمود قُدِّسَ سِرُّهُ جي مريدي کان مشرف ٿيل هوا - سندن رهڻ جي جاءِ رامتين ۽ جا ڳوٺ بخارا کان ٻه فرسخ پري آهي ان ۾ هيءُ مگر ڪن حادثن سبب شهر بادرد ۾ آيا ۽ اتي خلق جي ارشاد ڏيڻ ۾ مشغول رهيا، ڌري اتاهون خوارزم ۾ تشريف آندائون. اتي رياضت ۽ مجاهدي ۾ مشغول ٿيا ۽ سندن انهيءَ جاءِ تي مريد بيشمار ٿيڻ لڳا - ڪين حضرت عزيزان چوندا آهن چو تہ پاڻ تهين پاڻ کي عزيزان فرمائيندا هوا تہ عزيزا هيئن ٿو چوي - حضرت علاءالدين سمناني رحمة الله عليه سندن زماني ۾ هو - حضرت خواجه صاحب ڏانهن ڪنهن درويش جي وات ان چورائي موڪليو تہ اسين ۽ اوهين ٻئي اسين ٿو ونيدڙ جي خدمت ٿا ڪريون ۽ اوهين ڪا ڏو ساده ٿا ڪرايو ۽ اوهان عهد

عمل ڪاڄ ٿوڪار ايان مگر اوهان جي سڀ تعريف پيا ڪن ۽ منهنجي شڪايت ٿا ڪن انهيءَ جو
ڇا سبب؟ حضرت عزيزان قُدِّسَ سِرُّهٗ جواب ڏنو ته خدمت ڪرڻ وارا ۽ احسان ڪرڻ
وارا گهڻا آهن ۽ خدمت ڪرڻ وارا ۽ احسان مند ٿيڻ وارا تمام ٿورا آهن. بيو ته
مون پڻ وآهي ته اوهان تربيت ۽ تعليم حضرت خضر عليه السلام کان ورتي آهي اها
ڳالهه ڪيئن آهي، جواب ڏنائون ته الله جَلَّ جَلَالُهٗ جو هي عاشق ٿو ٿئي ان تي حضرت خضر
عليه السلام عاشق آهي. ٽيون هيءَ ته مون پڻ وآهي ته اوهين ذڪر جهر (ڏاڍيان) ٿا ڪريو
ان جو ڇا سبب؟ پاڻ جواب ڏنائون ته مون پڻ وآهي ته اوهين ذڪر ڳجهو ٿا ڪريو ته اهين
اوهان جو به ذڪر جهر ٿي چڪو. حضرت عزيزان قُدِّسَ سِرُّهٗ جن لنگاچي (اٺ جو)
پرهيزگاري ۽ ڪامل ڪسب حلال جي لاءِ ڪندا هوا. ڪا نئين ڪنهن پڇيو ته
ايمان ڇا کي ٿا چون، پاڻ پنهنجي ڪسب موافق فرمايائون ڇنڻ ۽ ڳنڍڻ يعني
خلق کان ڇني ڇنڻ ۽ خالق سان ڳنڍڻ، ڪنهن ڪانئن پڇيو ته شريعت جو
بالغ ڇا کي چون ۽ طريقت جو بالغ ڪير آهي؟ فرمايائون ته شريعت جو بالغ
اهو آهي جنهن کان مَني يعني ظاهري پاڻي مرديءَ جو نڪري ۽ طريقت جو بالغ اهو
آهي جو مَنيءَ کان يعني خوديءَ کان ٻاهر اچي ان درويش اها معرفت سٺي مثر
زمين ۾ رکيو. حضرت خواجه صاحب جن فرمايو مٿي جو زمين ۾ رک ڪرڻ جي
حاجت آهي بلڪ جيڪي ڳجهو اٿئي سو مٿين ۾ رک يعني عوت (غرور ۽ هٺ)
سنبلن فرزند ۽ جاءِ نشين حضرت خواجه ابراهيم قُدِّسَ سِرُّهٗ ڪانئن پڇيو "الفقير لا يحتاج
الى الله" يعني فقير الله جَلَّ جَلَالُهٗ ڏانهن محتاج نه ٿو ٿئي انهيءَ جي معنيٰ ڇا آهي حضرت خواجه صاحب عزيزان قدس سره جن
جواب ڏنو ته "لَا يَحْتَاجُ بِالسُّؤَالِ اِلَى اللّٰهِ" يعني فقير الله جَلَّ جَلَالُهٗ جي حضور
سوال نٿو ڪري ڇو ته رب عَمَّ نَوَالُه، عَلَّامُ الْغُيُوْبِ غيب جو ڄاڻندڙ آهي
ان کي سوال ڪرڻ جي ڪهڙي حاجت آهي، اهو سڀني جون حاجتون ڄاڻي ٿو. ٻيو
نقل آهي ته ڪائنن ڪنهن سوال ڪيو ته حديث "اَلْفَقْرُ سَوَادُ الْوَجْهِ فِي الدَّارَيْنِ"
۽ "كَادَ الْفَقْرُ اَنْ يَّكُوْنَ كُفْرًا" اهي ٻئي حديثون مخالف آهن حديث "الفقر فخري"
کي، حضرت عزيزان قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ته پهريون ٻئي حديثون انهن فقيرن
جي حق ۾ آهن جو پنهنجي فقيري خلق تي ظاهر ٿا ڪن ۽ ان فقيريءَ جي وسيلي سان

پنڻ مقرر ڪيا اٿن ۽ انهيءَ مان نفعو حاصل ڪيا اٿن -

نقل آهي ته هڪ شخص سندن حضور انور ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته مونکي ننڍو سارو جو - پاڻ فرمايائون ته تون بازار ۾ وڃي هڪ ڪونڌر وٺي مونکي تحفي طور آڻي ڏي ، ان شخص انهيءَ حڪم جي تعميل ڪئي پوءِ فرمايائون ته هاڻي جڏهن هي ڪونڌر ڏسندس تو کي ياد ڪندس ، هن نقل جي حالت حضرت بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ جي حالت سان تعلق ٿي رکي ، جيئن ته ينهنجي خادم کان ڏيهاڙي نالو پڇڻ فرمائيندا هوا - نه ته ولين کي تحفي جي ڪهڙي پرواه - اه

نقل آهي ته هڪ ڏينهن عالمن جي جماعت حضرت عزيزان جي ملاقات لاءِ آئي گفتگو ڪرڻ ۾ هڪ عالم چيو ته عالم ڪل آهن ۽ درويش مغز آهن حضرت جن فرمايو ته مغز ڪل جي نگهباني ۾ رهندو آهي -

نقل آهي ته ڪنهن شخص ازروءِ انڪار جي چيو ته بمصداق آيت وَيَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ جي ته حضرت عزيزان بلند پاريون آهي ، يعني سُٽ جي خريد ڪرڻ لاءِ بازار ۾ ويندا هوا ! حضرت عزيزان قُدِّسَ سِرُّهٗ ٻڌي فرمايو ته اي يار ! عزيزان زاري ڪرڻ ۽ پوءِ چونڊ بازاري ٿيان (زاري سان ملائبي ته بازاري ٿئي وڃي) يعني اَللّٰهُ جَلَّ جَلَالُهٗ جي درگاه ۾ زاري ، نياز ، درد ، سوز ۽ مسڪيني ڪر جي -

نقل آهي ته ونين هڪڙو عزت وارو مهمان آيو (خزينة الاصفياء واري آندو آهي ته ان ڏينهن ساري خانقاه ڀڪايل هئي " ۽ صاحب حدائق الورديه آندو آهي ته اَنَّ اَحَدَ السَّادَاتِ جَاءَ يَوْمًا لِزِيَارَتِهٖ ۽ عين الحيٰوة واري ضيوف جمع (ضيف) آندو آهي ، يعني گهڻا مهمان آيا هوا - وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالصَّوَابِ - ان وقت سندن گهر ۾ ڪا شيءِ موجود نه هئي اوچتو هڪ غلام جو سندن مريد هو ماني وڪڻندو هو ، هڪ ڪاري مانين جي ڀري آندائين ۽ حضور ۾ نذر عرض رکيائين ان وقت پاڻ تمام خوش ٿيا - حضرت جن ان وقت ان غلام کي چيو ته هن وقت تو تمام چڱي خدمت ڪئي آهي ، جا تنهنجي مراد هجي گهر ، ان غلام چيو ته آئون تو گهران ته آئون تو ن ٿيان ، يعني توانگر ٿيان - پاڻ فرمايائون ته هي نهايت سخت ڳالهه آهي ، تون انهيءَ کي جهلي نه سگهندين ان عرض ڪيو ، منهنجو اهو مقصد آهي ، هن کان سواءِ ٻيو خيال نه اٿم - پاڻ فرمايائون ته چڱو پوءِ ائين

جيئي انکي هٿ مروڙي ڪنب ۾ ڏياءِ ان جي حال تي متوجه ٿيا جڏهن ٻاهر تشريف آندائون
تڏهن اهو ٻار جي ظاهر ۽ باطن ۾ سندن نظرن ۾ پيو، مگر ان کان پوءِ چاليهن ڏينهن
تائين حيات رهيو ۽ اهو ٻار ولايت زياده کڻي نه سگهيو ۽ وفات ڪيائين، عين الحيٰوة ۽ حدائق
الورديه ۾ آهي ته حضرت جن سيد احمد عرف سيد آتا (جو مريد خواجه زنگي آتا جو
اهو مريد حڪيم آتا جو، اهو مريد احمد يسوي جو، اهو مريد خواجه يوسف همداني
قُدِّسَ سِرُّهٗ جو) جا همعصر هوا. سيد آتا قُدِّسَ سِرُّهٗ ۽ حضرت خواجه عزيزان
قُدِّسَ سِرُّهٗ وچ ۾ ڪو مناظرو هو. هڪ ڏينهن سيد آتا کان اهڙي ڳالهه صادر ٿي
جو حضرت جن جي بي ادبي ٿي، اوچتو انهن ڏينهن ۾ ترڪن ڪاهه ڪئي، سيد آتا جي
فرزند کي پڪڙي قيد ڪري ويا. سيد آتا صحيح ڪيو ته هي حادثو بي ادبي جو سبب آهي جو
حضرت خواجه عزيزان قُدِّسَ سِرُّهٗ جن سان ڪئي هيم، تڪڙو حضور ۾ اچي
حاضر ٿيو ۽ عذر ڪيائين (معافي گهريائين) حضرت جن کي ۽ جيڪي حضور ۾ وڏا
مشائخ ۽ عالم ويٺا هوا دعوت ڪيائين. حضرت خواجه عزيزان قُدِّسَ سِرُّهٗ سيد
آتا قُدِّسَ سِرُّهٗ جي مراد معلوم ڪئي، جڏهن انجي جاءِ ۾ آيا نوڪر دسترخان وڇايو
۽ طعام حاضر ڪيائين. حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ته اسين طعام
ڏانهن هٿ ڊگهو نه ڪندس جيستائين سيد آتا جو فرزند نه اچي ۽ اسان سان گڏ
نه کائي، پوءِ ماٺ ۾ رهيا ۽ ساري جماعت انتظار ۾ رهي اوچتو دروازو کڙڪيو
جڏهن کوليائون تڏهن حضرت سيد آتا جو فرزند ڏٺائون. ساري خلقت نهايت
حيران ٿي پوءِ ان کان احوال پڇيائون ته تون قيد کان ڪيئن ڇٽين ۽ هت ڪيئن پهتين
اُن نينگر چيو ته آئون ڪي ڪين ٿو ڄاڻان سواءِ هن ڳالهه جي جو هن مهل ترڪن وٽ قيد
ٿيل هوس اهائي مهل آهي جو هاڻي ڏٺم، جڏهن ته قيد واري جاءِ ڏانهن ڏٺم جو
پنڌ پري هئي. تڏهن سڀني حاضرن کي حضرت جن جي بلندي ۽ ڪرامت جو هيڪاري يقين ٿيو
نقل آهي ته جڏهن حضرت جن اشاري غيبي سان بخارا کان خوارزم ۾ اچڻ جو ارادو
ڪيو تڏهن شهر جي دروازي جي ٻاهران رهي پيا ۽ هڪ درويش کي اتان جي بادشاهه
ڏانهن موڪليائون ته چوٖ ته هڪ درويش توهان جي دروازي تي آيو آهي جي واجبي
مصلحت هجي ته شهر ۾ اچي نه ته موٽي وڃي، درويش کي چيائون ته جي بادشاهه موڪل

ڏئي ته ان جاهت اڪر مهر سان اجازت نامون وٺي اچجِ - جڏهن درويش بادشاهه وٽ آيو ۽ حضرت جن جو بيان ڪيائين تڏهن بادشاهه ساري دربار وارن سميت کلڻ لڳو ته ڪهڙا ماڻهو نادان ۽ سادي طبع جا آهن، پوءِ چرچي طور هڪ اجازت نامون دستخط ۽ شاهي مهر سان ان درويش کي ڏنائون - حضرت جن جي خدمت ۾ اجازت نامو حاضر ٿيو پوءِ شهر ۾ اندر داخل ٿيا ۽ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي حضرت خواجگان جي طريقي ۾ مشغول ٿيا صبح جي وقت جتي مزور رهندا هوا اتي وڃي هڪ به مزور آڻيندا هوا ۽ اهن کي فرمائيندا هوا ته وضو ڪريو ۽ نماز پڙهو ۽ وچئين جي وقت تائين مون وٽ ويهو ۽ ذڪر ڪريو، تهن کان پوءِ اهن کي مزوري ڏئي رخصت ڏيندا هوا - اهي ماڻهو تمام خوش ٿي اهو ڪم ڪندا هوا جڏهن هڪ به ڏينهن حضرت جن جي خدمت ۾ صحبت ۾ رهيا ته حضرت جو تصرف ۽ صحبت جو اثر مٿن ظاهر ٿيو ٻئي ڏينهن صحبت مبارڪ کان جدا ٿيڻ نه ٿي چاهيائون نيٺ تمام طالبن جو گهڻو انبوه ٿيو بي شمار خلقون اچڻ لڳيون بادشاهه کي خبر پئي ته هت ڪو شخص آيو آهي انجي تمام گهڻي خلق مريد ٿي آهي ۽ ٿيندي ٿي وڃي انديشو ٿو ٿئي ته اهي ماڻهون زور نه وٺي وڃن ۽ ملڪ ۾ ڪو فساد نه ڪن، بادشاهه انهيءَ ڳالهه جو وهم ڪري خواجه صاحب کي شهر کان ٻاهر لوڏائڻ جو حڪم ڪيو - حضرت جن اهو سڱو درويش موڪليو ته اسين تنهنجي اجازت سان رهيا آهيون جي پنهنجو اجازت نامون قبول نه ڪرين ته اسين هليا وڃون، بادشاهه اجازت نامون ڏسي شرمند ٿيو ۽ حضرت جن جو پنهنجن سنگتين سوڌو مريد ٿيو -

حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن جو شعر جيڪو آهي تنهن مان هڪ قطعو ۽ چار رباعيون مشهور آهن - عين الحيوٰة معرب رشحات واري پارسي بيت آڻي وري انجو ترجمون عربي بيتن ۾ ڏنو آهي چارئي رباعيون ۽ قطعو انهي طرح ڪيا اٿس آئون اختصار سببان فقط هڪ رباعي ۽ قطعو آڻيان ٿو -

اصل قطعو فارسي

(فارسي)　نفس مرغ مقيّد در درون است　نگهدارش کہ خوش مرغيست دمساز

زبانش بند مگسل تا نه پرد　که نتواني گرفتن بعد پرواز

(عربي)　النّفس طير فيرهاالابدان　فاحفظها يا حبذ الندمان

وَ رابط جنلحها فان ارسلتها	فبها اذاً لا تسمح الازمان ١ لا تسمح
(اصل پارسي) خواهي که بحق رسي بيا رام اي تن	واندر طلب دوست بيارام اي تن ٢
خواهي که مدد از روح عزيزان يابي	پائے از سر خود ساز بيارام اي تن ٣
(عربي) اذا رمت وصل الحق استرح ايها البدن	وفي طلب المحبوب اصبر على المحن ٤
فان كنت من روح العزيزان راجيا	تعال على راس وواصل مبين ٥

عربي از صاحب حدائق الورديه

وان رمت قرب المودع كافرفة	وفرقة اهل الحق بالصدق فاصحب ٦
وان رمت امداد العزيزان فانه	على الرأس والعينين سعيا تقرب ٧

سندن ارشاد ۽ وفات

فرمايائون ته الله جل جلاله جي صحبت رکوجي الله جي صحبت نتا رکي سگهو ته اهن جي صحبت رکوجي الله جي صحبت رکن ٿا - جو ته جيڪو الله جل جلاله جي صحبتي سان سنگت (صحبت) رکي ٿو اهو ڄڻ ته الله تعالیٰ جو صحبتي ٿيو -

آندل ص ١٦٢ تان ست ٢٠ ، ٢ له جڏهن محمود جنت ۾ ان جاءِ لڏي ويا حامد، محمود ۾ چو ته بزرگن جو تخلص ان جي وصال جو سال "شاه عرفاني" آهي ۽ پڻ هن مان "محمود تاج الاصفياء"
آندل ترجمه ص ١٦٣ تان ست ٢٢ ۽ ٢٣ له فقر (سچائي) بنهي جاين ۾ منهن جي ڪارائي آهي ته فقر (سچائي) ذري گهٽ ڪفر ڏي پهچائي ٿو ١٢-
آندل ص ١٦٤ تان ست ١٨ له هڪ ڏينهن هڪ سيد صاحب سندن زيارت لاءِ آيو
آندل ص ١٦٦ ست ٢٣، ٢٤ ۽ ٢٥ له نفس اندر ۾ هڪ قيدي پکي آهي ۽ ان جو خيال رکجو جو ته نفس پکي آهي
٢ رٻان جي بندگي ڪري ٿو، ته اڏامي نه وڃي ۽ جو ته اڏامڻ کان پوءِ توهان ان کي ته وري سگهندي -
٣ نفس هڪ پکي آهي جنهن جو قيد بدن آهي ۽ توهان ان جي سنڀال رکو اهو سيني جا ساٿي آهن - هن صفحه جو حاشيه له ۽ ان جي پر ڪاٽي ڇڏجي توهان ان کي جڏهن ان ۾ ته ان کي زمانا پائي نه سگهندا.

له توهان جي گهرين ٿو ته حق کي پهچين ته اي بدن آرام ڪر! ۽ دوست جي طلب ۾ آرام نه ڪر!
٢ له توهان جي گهرين ته پيارن جي روح کان مدد لهين ته سر مان پير بنائي اي بدن - آرام ڪر!
٣ له جي توهان حق جو وصال گهرين ته اي بدن راحت ڪر ۽ محبوب جي طلب تڪليف تي صبر ڪر!
٥ له جيڪڏهن توهان گهرين ڏيکاري تائين حاشيه ٣ وانگر ته جمع آهي -

٦ له جيڪڏهن توهان حق جي ويجهڙائي گهرين ٿو ته پڻ سيني ٽولن کي ڇڏ ۽ اهل حق جي ٽولي سان سنگت رک
٧ له جيڪڏهن توهان ڪنهن دوست جي مدد گهرين ته مٿي ۽ اکين سان دوڙي ويجهو ٿي -

فرمايائون، ته اهڙي زبان سان دعا گهرو، جنهن زبان سان گناه نه ڪيو هجيو، يعني الله جل جلاله جي دوستن اڳيان عاجزي ڪندا ڪريو ته اهي اوهان لاءِ دعا پنندا رهن.

فرمايائون ته عمل ڪريو ۽ ان کي نه ڪيل ڄاڻون پاڻ کي قصوروار ڄاڻڻ گهرجي

فرمايائون جي نيڪن وٽ وهندو ته نيڪ ٿيندو ۽ جي بڇڙن وٽ وهندو ته بڇڙو ٿيندو

فرمايائون جيڪڏهن ڪنهن آدميءَ وٽ وهين ۽ خدا تعاليٰ کي وساري ڇڏين ته ان کي شيطان سمجهه اگرچه آدميءَ جي صورت هجي بلڪ ابليس آدمي بڇڙو آهي ابليس جن کان ڇو ته ابليس جن ڳجها وسوسا ٿو وجهي ۽ ابليس آدمي ظاهري طرح ان جو مطلب ته اهڙن جي صحبت نه ڪر جن وٽ تو کي خدا وسري وڃي

فرمايائون يار چڱو ڪم چڱي کان تمام چڱو آهي، ڇو ته تون سگهي ٿو ته ڪم چڱي مان تو کي هٿ ۾ هڻڻ ٿئي پر يار نيڪ جي چڱي وات جي صلاح ڏيندو.

فرمايائون مون کان بعضي پري وارا اوڏا ۽ اوڏائي وارا پري آهن پري وارا اوڏا اهي آهن جي ظاهري پري آهن ۽ دل جان سان حاضر آهن ۽ اوڏا پري اهي آهن جو ظاهر ڪري مون وٽ آهن پر دل جان سان مون سان نه آهن يعني دل جان سان ڪم ڪار دنيا ۽ هوس ۾ مشغول آهن.

فرمايائون:- مون کي پري وارا اوڏائن ور پسند آهن اوڏن پري وارن کان اعتبار ۾ جان ۽ دل جي اوڏائي آهي نه آب گل جي، يعني هن بوتي پاڻي مٽي واري جي. شعر

اگر در يمني که با مني پيش مني　　　　ور پيش مني که بي مني در يمني

يعني جي يمن جي ولايت ۾ مون سان محبت دل جان سان رکندا آهين ته ڄڻ گويا باوجود پري هئڻ جي مون سان آهين جي مون وٽ گڏ ٿو رهين پر تو کي محبت نه آهي گويا باوجود اوڏائي جي پرڻ يمن ولايت ۾ آهين.

فرمايائون:- غنا بي پرواهيءَ کي چوندا آهن ۽ هي اگرچه ظاهر ڪري تونگري معلوم ٿئي مگر فقيري جي وصف آهي.

فرمايائون:- جيڪڏهن فقير جي هٿ ۾ ڪجهه نه هجي ۽ دل ۾ به ڪا خواهش نه هجيس پوءِ اهو فقير محمود الصفات يعني واکاڻيل صفتن جو آهي الفقر فخري چوڻ درست آهي ۽ جيڪڏهن فقير هٿ ۾ ڪجهه نه ٿو رکي ۽ دل ۾ خواهش ته آهي

اهو پينون پاڻ جو آهي ته تابع رسول الله صلى الله عليه وسلم جو، جيڪڏهن فقير هجي ۽ رکي ۽ دل ۾ پڻ خواهش رکندو هجي اهو فقير مَذْمُومُ الصِّفَات" يعني مٺين صفتن جو آهي - حديث "اَلْفَقِيْرُ سَوَادُ الْوَجْهِ فِي الدَّارَيْنِ" يعني فقر ڪارو مُنهن آهي ٻنهين جهانن ۾ ۽ "كَادَ الْفَقِيْرُ اَنْ يَكُوْنَ كُفْرًا" - يعني ويجهو آهي فقر ڪفر هجڻ ۾ صادق آهي -

فرمايائون :- جي پاڻهي کي خدائي درگاه کان حڪم پهچي ته اي پاڻهان مونکان ڪا حاجت گهر! پاڻهي جو شرط هي آهي ته پاڻهون خدا تعالى کان سواءِ خدا تعالى جي ٻيو ڪجھ نه گهري -

فرمايائون :- منصور حلاج قُدِّسَ سِرُّهٗ "اَنَا الْحَقُّ" چيو ۽ بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ "لَيْسَ فِيْ جُبَّتِيْ سِوَى اللّٰهِ" جو قول چيو اگرچه ٻئي ڪلمان غير شرعي آهن پا وجود انجي منصور قُدِّسَ سِرُّهٗ کي سوري تي چاڙهيائون ۽ بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ کي ڪجھ نه چيائون - انهي جو هي سبب آهي ته ٻنهين قولن ۾ فرق آهي - جو منصور قُدِّسَ سِرُّهٗ پهريائين پنهنجي هستي پيش ڪئي - جو "انا" يعني آئون چيائين ۽ حضرت بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ نيستي يعني نه هجڻ پيش ڪيو ۽ "لَيْسَ" يعني نه چيائين -

راقم الحروف :- اگر گذريل آيو آهي ته غير شرعي جملا حضرت بايزيد قُدِّسَ سِرُّهٗ ڏانهن منسوب ڪرڻ غير صحيح آهن ظاهر آهي ته هي جملو بدانهن مان آهي پر جو حضرت جن کنهن سوال ڪندڙ کي جواب ڏيڻ فرمايو ڪنهن مصلحت وقت لاءِ هوندو وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالصَّوَابِ

فرمايائون :- جيڪڏهن ڪنهن وٽ سيڪي هجي مگر انجي دل ۾ مال جي محبت نه هجي ان کي تجريد معنوي " يعني حقيقت ۾ تنهائي وانگر خالي رهڻ آهي ۽ جي ڪنهن کي ڪجھ نه هجي ۽ دل ۾ خواهش رکي انکي تجريد معنوي ناهي -

نقل آهي ته حضرت ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ کي ستر ڪنا سونن ڳنن سان هوا جو سندن ٻڪرين جي نگهباني ڪندا هوا - انهي سان باقي سامان جو قياس ڪرڻ گهرجي ، پاڻ سڀ الله جَلَّ جَلَالُهٗ جي واٽ ۾ خرچ ڪيائون - حضرت سليمان عليه السلام جو ڪهڙو نه گهڻو ملڪ هو پاڻ زنبيل باڦي جو ڪسب (جيئون اڄڪلهه) ڪري گذران فرمائيندا هوا

حضرت شيخ ابو سعيد ابو الخير قدس سرهٗ نهايت مالدار هو ۽ وڏي دٻدٻي ظاهريءَ سان
رهندو هو انهيءَ قياس تي گهڻا ويءَ بيٺا گذريا آهن جن کي مال ۽ متاع گهڻو هو مگر ڪيتري
جي مٽي جيتري قدر به محبت دل ۾ نه هين انهن کي تجريد معنوي حاصل هئي.

حضرت خواجه عزيزان علي راميتني قدس سرهٗ کي ٻه فرزند ارجمند
هوا هڪ خواجه محمد ٻيو خواجه محمد ابراهيم قدس سرهما. جڏهن حضرت
جن جي وفات ويجهي ٿي. تڏهن ننڍي فرزند خواجه ابراهيم قدس سرهٗ کي
پنهنجو جاءِ نشين مقرر فرمايائون. ماڻهن کي دل ۾ خيال آيو ته وڏي فرزند هوندي
پنهنجي ننڍي فرزند کي پنهنجو قائم مقام ڪيو اٿن، پاڻ فرمايائون ته وڏي جي عمر
مون کان پوءِ جلد ختم ٿيندي. جڏهن پاڻ وفات فرمايائون اٺاويهن ڏينهن
کان پوءِ اهو فرزند فوت ٿيو.

حضرت خواجه صاحب قدس سرهٗ جي وفات موافق قول صاحب شجرات
سفينة الاولياء ۽ خزينة الاصفياء ۽ حالات مشائخ نقشبندي جي ڏينهن سومر
٢٨ اٺاويهين ذي القعد سنه ٧٢١ هجري جي واقع ٿي. عمر سندن هڪ سئو ٽيهه ورهيه هئي
سندن مزار مبارڪ خوارزم ۾ آهي. مادو تاريخ وفات جواز مفتي صاحب قدس سرهٗ

قدر اعلیٰ و عز عالی یافت — چون علی شد بجنت العالی (٧٢١)
گو علی بو تراب رحلت (٧٢١) او — نیز عاشق ولی عزیز علی (٧٢١)
وصل او بندهٔ خدادان است (٧٢١) — ہم علی مجتبیٰ عزیز نبی

حالات حضرت خواجه محمد باباسماسي قدس سرهٗ

هي عارفن ۾ عامل ۽ ولين ۾ نور ڪامل، هدايت ڏيندڙ گمراهن جو ياد
پهچندڙ، جنن ۽ انسانن جو، عامن ۽ خاصن تي دستگير واسيءُ. نالو نامي سندن
حضرت خواجه محمد باباسماسي آهي قدس سرهٗ. حضرت خواجه عزيزان قدس سره
جا وڏا چار خليفا، جن شرقا غربا فيض پکيڙي ڇڏيو هو ۽ چار ئي مظهر فيض محمدي
هئا ۽ جنهن جو نالو مبارڪ، خواجه محمد ڪلاه دوز (ٽوپيون ٺاهيندڙ)، خواجه
محمد حلاج بلخي، خواجه محمد باوردي، تن مان پوئين حضرت خواجه محمد
سماسي آهي جو سيني کان زور اکمل ۽ زور افضل آهي ۽ انهي حضرت قدس سره کي

حضرت خواجه عزيزان قُدِّسَ سِرُّهٗ وفات جي وقت سين کان افضل، اعليٰ ۽ صاحب ارشاد جو ڏيئي ۽ امر خلافت جو انهن حوالي فرمايائون ۽ سيني مريدن کي سندن تابعداري کرڻ لاءِ حڪم فرمايائون - جيئن عين الحيوة واري صاحب فرمايو آهي -

نقل اِنَّهٗ لَمَّا قَرُبَتْ وَفَاةُ حضرت عزيزان اختار الخواجهُ محمد بابا سماسي مِنْ بينِ الْاَصْحَابِ لمقام الارشاد وفوض اليه امر الخلافه والنيابة وَامر باقی الاصحاب بمتابعته وملازمته[له] (عين الحيواة معرب رشحات[١])

حضرت خواجه محمد بابا سماسي قُدِّسَ سِرُّهٗ کي استغراق ايترو قدر هو جو سماس ۾ سين مهمدن سان پهريون ڀيرو ئي وارد ٿيو ميمڻ شدّ وارو ٿيو الف ۽ سين تائو شهر جو آهي، راميتن کان ميل پنڌ جو ۽ بخارا کان ٽي ميل) سندن هڪ باغ هو پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ان جي داک جي تارن کي ڪا ٽيندا هوا شاخن جي ڪاٽيندي ڪين بي خودي ٿي ويندي هئي ۽ اندازه کان زياده تار يون وڍجي وينديون هيون. پاڻ حضرت غوث الاعظم سيدنا الشيخ محمد بهاؤالدين مشڪل ڪشاءِ شاه نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ جي ولادت کان اڳ سندن پيدا ٿيڻ لاءِ بشارت ڏني هئائون جيئن ته قصر عارفان کان جاءِ ولادت حضرت شاه نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ جي آهي جڏهن به لنگهندا هوا مريدن ڏانهن مخاطب ٿي فرمائيندا هوا ته مونکي هن زمين مان عارف مرد جي بوءِ ٿي اچي ۽ قريب آهي هن جاءِ کي جو قصر هندوان تان قصر عارفان ٿيندي - هڪ ڀيري وري جڏهن اتاهون تشريف آندائون فرمايائون ته هاڻي بوءِ زياده ٿي وئي آهي - شايد اهو مرد پيدا ٿيو آهي، اهو سندن چوڻ حضرت غوث الاعظم شاه نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ جي ولادت کان پوءِ ٽي ڏينهن هو - حضرت مرشد الانس والجن خواجه قيوم جهان قُدِّسَ سِرُّهٗ ۾ رشحات واري صاحب آندو آهي ته حضرت شاه نقشبند قدس سره جي ڏاڏي حضرت جن جي سيني مبارڪ ٿي هديو ڪي سان ٽن ڏينهن جي حضرت خواجه بابا سماسي قُدِّسَ سِرُّهٗ جي حضور ۾ آيا حضرت خواجه صاحب جن فرمايو ته هي اهو مرد آهي جنهن جي بوءِ سنگهي هيم - سگهوئي وقت جو مقتدا ٿيندو.

[١] ڳالهه تا ڪين ته جڏهن حضرت عزيزان جي وفات ويجهو آئي تڏهن پنهنجي مريدن مان خواجه محمد بابا سماسي کي ارشاد لاءِ چونڊيو ۽ خلافت ۽ نائبي انهن جي حوالي ڪئي ۽ ٻين سيني مريدن کي سندن پيروي ۽ ملازمت جو حڪم ڪيو - ١٢

۽ فرمايائون ته هيءُ منهنجو فرزند آهي مون کيس پنهنجي فرزندي ۾ قبول ڪيو.
صاحب عين الحيوٰة جي هن جاءِ تي هيءَ عبارت آندي آهي -

فوضع جده هديته على صدره الشريف وجاء به عند خواجه بابا فقال
انه ولدنا ونحن قبلناه[له] (عين الحيوٰة ص٤٢)

پوءِ پنهنجي خليفه اعظم حضرت امير سيد مير ڪُلال قُدِّسَ سِرُّهٗ ڏانهن مخاطب ٿي فرمايائون ته منهنجي فرزند بهاؤالدين کان تربيت ۽ تعليم علم باطني جي ۽ شفقت گهرجڻ ۾ ڪج ۽ توکي نه بخشيندس، جيڪڏهن تو ڪا به ڪوتاهي ڪئي - حضرت خواجه امير قدس سره فرمايو ته مرد نه هوندس جي وصيت حضرت جن جي ۾ قصور ڪندس، حضرت غوث الاعظم شاهه نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ کان منقول آهي ته فرمايائون ٿي نتيجه مونکي پنهنجي ڏاڏي حضرت خواجه محمد بابا سماسي قدس سره ڏانهن موڪليو جڏهن اُتي پهتس ۽ سندن لقاء کان مشرف ٿيس ۽ ٻي رات حضرت جن جي هيءَ ڪرامت ڏٺم جو مونکي ان رات زياده عجز ۽ نياز ٿيو پوءِ اٿيس ۽ سندن مسجد شريف ۾ ويس ۽ ٻه رڪعتون ادا ڪيم. مٿو سجدي ۾ رکيم ۽ تمام عاجزي ۽ نياز سان انوقت منهنجي زبان مان نڪري ويو ته "اي ڌڻي منهنجا پنهنجي آفتن ۽ بلائن جي سهڻ جي تون ۽ پنهنجي محبت ۽ محنت جي کڻڻ جي طاقت عطا فرماءِ" - صبح جو جڏهن حضرت خواجه صاحب محمد بابا سماسي جي حضور ۾ آيس - فرمايائون، فرزند دعا هن طرح گهرجي ته اي ڌڻي منهنجا جنهن ۾ رضا منهنجو آهي بانهين ضعيف کي ان تي محڪم رک، پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان - جيڪڏهن الله جَلَّ جلاله پنهنجي حڪمت سان دوست ڏانهن بلائون موڪلي ٿو ۽ اهو پنهنجي عنايت سان ان دوست کي ان جي بار کڻڻ جي قوت به ڏئي ٿو ۽ حڪمت پڻ ان جي دل تي ظاهر ڪري ڏئي - اختيار سان بلاءِ مصيبت طلب ڪرڻ ڏکي ڳالهه آهي، گستاخي ڪرڻ نه گهرجي - تنهن کان پوءِ طعام حاضر ٿيو جڏهن کاڌو سون هڪ ماني مونکي ڏنائون، مونکي دل ۾ آيو ته هت ڀرو سان کاڌو اٿئون، هن گهڙيءَ ۾ ٻي منزل تي پهچندا سون، هيءَ ماني کڻي ڪم ايندي جڏهن روانا ٿيا - آئون سندن رڪاب سان ساڻ پيادو ٿي ويس، جيڪڏهن

له پوءِ ان جي ڏاڏي پنهنجي پيني ۾ کڻي سوکڙي رکي اُتي خواجه بابا وٽ وڃي آيو ۽ چيائون ته هيءُ اسانجو ٻار آهي اسان ان کي قبول ڪيو

کو خطرو ٿي پيو، فرمايائون ته تون ڪهڙي خاطر ڏڪين؟ ڪي خطرو نه ٿيندو. فرمائين ته ڪي ڪارڻ نه هو ته ڪنڌ جهلي وات ۾ هڪ مخلص جي منزل تي لٿا. سندن تشريف جي سبب ڏاڍو خوش ٿيو پر سندس منهن ۾ اثر پريشاني جو ظاهر ٿيڻ لڳو. حضرت جن ان کي فرمايو ته تنهنجو حال ڪهڙو آهي سچ ٻڌاءِ. ان مخلص عرض ڪيو ته اڄ جو کير حاضر آهي پر ماني موجود نه آهي. حضرت خواجه صاحب جن مونکي فرمايو ته ماني ڳوٺ کي ڏيئي هيم ڪڏهن اچ اها ماني نيڻ ڪم آئي. اهو حال ڏسي مونکي حضرت صاحب جن ۾ هيڪاري زياده يقين ٿيو. اهـ

حضرت خواجه محمد بابا سماسي قُدِّسَ سِرُّهٗ جا چار نامدار خليفا هوا. هڪ خواجه صوفي سوخاري، جنهن جي زيارتگاه سوخار ۾ جو بخارا کان ٻه فرسخ آهي. ٻيو خواجه محمود سماسي، جو فرزند حضرت خواجه صاحب جن جو آهي. ٽيون خواجه دانشمند چوٿون خليفه اعظم حضرت مير سيد ڪلال رحمة الله عليهم اجمعين.

وفات سندن سال ست سؤ پنجونجاه ۾ ٿي. سندن زيارتگاه سماس ۾ مشهور آهي يُزَارُ وَ يُتَبَرَّكُ بِهٖ. مادو تاريخ جو مفتي صاحب فرمايو آهي.

چون محمد حامد ذاتِ اِلٰه ¹ | محمد گويان رفت در قصر جنان
رحلتش مخدوم اجلال آمده هست ² | هم محمد متقي جان جهان

حالات محبوب ايزد ذوالجلال مقبول بارگاه لايزال سيد امير ڪلال قُدِّسَ سِرُّهٗ

هي حسب نسب ۾ پڻ صحيح النسب سچو سيد. شريعت ۽ طريقت جي تاز ڪندڙ ۽ مجدد حقيقت ۽ معرفت وارن لاءِ ڪامل مرشد. طريقي حضرات خواجگان جي محڪم ۽ مشيد صاحب مقامات ۽ برڪات جو. وارث علوم الهيه ۽ ادراڪات جو. هر دم مهيڻ ۽ سوز وارن جي لهند ڏسنيال. سڀ ائين خوش خُلق ۽ خوش خصال ۽ سڀ جي عالم جو دستگير ته جيئن ڪابا سندن حضرت سيد امير آهي قُدِّسَ سِرُّهٗ. پاڻ سڀني ڪمال پرهيزگاري جي ۽ ڪسب حلال جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنيارن جو ڪم ڪندا هوا تهن ڪري ڪين ڪلال چوڻ ۾ ٿو اچي. عين الحيٰوة ۾ان معلوم ٿو ٿئي ته فقط ڪونر ادڪرا ³ ناهيندا هوا جيئن ته آيل اتس "وَكَانَ يَصْنَعُ الْكِيزَانَ وَيُقَالُ فِي لُغَةِ اَهْلِ بُخَارَا لِمَنْ يَصْنَعُ الْكِيزَانَ كُلَالٌ" عين الحيٰوة معرب

¹ جڏهن محمد حامد (حمد ڪندڙ) الله جي ذات جو حمد ڪندي بهشت جي ماڙي ۾ ويو
² سال وفات ان جو "مخدوم اجلال" ماڻ نڪري ٿو- پڻ هن ما "محمد متقي جان جهان"
³ ۽ هو ڪونڙا ناهيندو هو ۽ بخارا جي ٻولي ۾ جيڪو ڪونڙا ناهيندو تهن کي ڪلال ڪنير، سڏيو ويندو آهي

سندن ولادت جي جاءِ شهر سوخار آهي جو سماس کان پنجن ميلن جي پنڌ تي آهي
کَمَا فِيْ حَدَائِقِ الْوَرْدِيهِ - هي حضرت اهو آهي جنهن ڏانهن نسبت حضرت شاهه نقشبند
قُدِّسَ سِرُّهٗ جي صحبت خواهه آداب سلوڪِ طريقت خواهه تلقين ذڪر جي پاران ٿي ٻڌي -

حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن هڪ ڏينهن حضرت شاهه نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ
کي فرمايو ته مون پنهنجي مرشد جي وصيت موجب تنهنجي گهڻي ڪوشش ۾ تربيت ڪئي ۽
پنهنجي سيني مبارڪ ڏانهن اشارو فرمائي ارشاد ڪيائون ته پنهنجا پستان اوهان لاءِ سُڪيل
ڇڏيا آهن، هاڻي اوهانکي اجازت آهي ته ٻي ڪٿي همت طلب ڪريو -

هڪ ڏينهن حضرت امير قُدِّسَ سِرُّهٗ شاهه نقشبند کي جو سندن حضور ۾ ويٺو هو فرمايائون
ته جنهن شاگرد استادن جي گهڻي ڪئي هوندي آهي ته هن استاد پنهنجي روبرو ان جو آزمود ڪرڻ
وٺندو آهي ته هو استاد کي پرکي ٿو ته ڪهڙي منهنجي تعليم جو اثر ٿيو آهي، حضرت
امير قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ته منهنجو فرزند برهان حاضر آهي اڳ ڪنهن وقت باطني فيض نه ورتو
اٿس ان ڏانهن متوجه ٿيو ته آئون توسان ۾ موڪلي اعتماد ٿئي - حضرت غوث الاعظم شاهه
نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ جن مراقبي ۾ ويٺا هوا متوجه خدمت حضرت امير قُدِّسَ سِرُّهٗ ڏانهن ٿي
ادب جي سببان توقف ظاهر فرمايائون - حضرت امير قُدِّسَ سِرُّهٗ فرمايو ته ٻيو خيال ڪين
ڪريو - حضرت شاهه نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ جن امير برهان ڏانهن مشغول ٿيا ۽ وحال ان تي
ظاهر ٿيو - ۽ سُڪر (بيهوشي) حقيقي جا آثار نمودار ٿيا - کَمَا فِيْ عُمْدَةِ الْمَقَامَاتِ مُخْتَصَرًا

بهرحال حضرت خواجه صاحب جا سڀ خليفه فيضياب عالم افروز آفتاب هوا. سندن
پرهيزگاري ڪمال جي هئي جا عالم دنيا ۾ نه آيا هوا پرهيزگاريءَ جا نشان سندن والده سڳوري
ڪيتري قدر نقل ڪيا "حدائق الورديه" ۽ "عين الحيٰوة" ۽ "حالات مشائخ نقشبنديه" وغيرهم
ڪتابن ۾ آهي ته سندن والده شريفه فرمائيندي هئي ته جنهن وقت حضرت سيد امير
ڪلال رضي الله عنه منهنجي پيٽ ۾ هوا ان وقت آئون جيڪڏهن شبهي جو لقمو کائيندي
هيس ته پيٽ ۾ سور پوندو هيم ۽ جيستائين قئي نه ڪندي هيس تيستائين آرام نه ايندو هو
جڏهن ٻي ڀيرا ائين ٿيو تڏهن مون سمجهيو ته اهو سبب ٻار جو آهي - جو پرهيزگار آهي
تنهن کان پوءِ آئون کائڻ ۾ گهڻو احتياط ڪندي هيس -

حضرت جن کي جوانيءَ ۾ ڪُشتيءَ جو گهڻو شوق هوندو هو - هڪ شخص ڪين ڪُشتي وارن جي

ميدان ۾ ڏٺو دل ۾ خطرو ڪيائون ته هي سادات ٻار ڪُشتيءَ ۾ مشغول آهي ۽ ڪمراهن جي وات لڳو آهي، اڃا ٿوري دير نه گذري جو اُن شخص کي اڃ ٻيڻي ٿي وئي، خواب ۾ ڏٺائين ته قيامت قائم ٿي آهي ۽ هڪ وڏي گپ ۾ اچي پيو آهيان ۽ سيني تائين ٻُڏي ويو آهيان ان تمام حيراني پريشانيءَ ۾ مون کي حضرت سيد امير قُدِّسَ سِرُّهٗ وڏي ڪُنَّ مان ڪڍيو آهي جڏهن جاڳيس ته ڏٺم حضرت سيد امير مون ڏانهن نهاري چيو ته منهنجي همت ڏٺي ياڻه ۽ معنيٰ ڪشتيءَ جي سمجهي ياڻه - هڪ ڏينهن حضرت خواجه محمد بابا سماسي قُدِّسَ سِرُّهٗ ڪشتي وارن جي ميدان وٽان لنگهيا ۽ اتي پاڻ تماشو ڏسڻ لڳا ڪن مريدن جي دل ۾ خيال ٿيو ته حضرت جن هن ٻار عمل جي جاءِ تي ڇو بيٺا آهن، حضرت جن فرمايو ته هن ميدان ۾ هڪ مرد آهي جنهن جي نظر کان گهڻا ماڻهو ڪماليت جي درجي کي پهچندا آئون ان جي شڪار لاءِ بيٺو آهيان انهي وچ ۾ حضرت امير قُدِّسَ سِرُّهٗ حضرت خواجه صاحب کي ڏٺو، ڏسڻ سان اثر وارد ٿيو، انهيءَ گهڙيءَ ۾ ڪشتيءَ جي ميدان کي ڇڏي حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جي همراه ٿيو، جڏهن حضرت خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ جن پنهنجي جاءِ تي پهتا، حضرت سيد امير قُدِّسَ سِرُّهٗ کي گُنبذ ۾ گهرائي تلقين طريقي خواجگان جي ڪيائون ۽ پنهنجي فرزنديءَ ۾ قبول ڪيائون ان کان پوءِ حضرت سيد امير قُدِّسَ سِرُّهٗ جن ڪڏهن ڪُشتيءَ جي ميدان ۽ بازار ۾ نه ويا ۽ ٽيهه ورهه حضرت بابا سماسيءَ جي خدمت ۾ رهيا، هفتي ۾ ٻه ڀيرا سومر ۽ خميس جي ڏينهن پنهنجي جاءِ سوخار کان سماس ويندا هوا ۽ وري موٽي ايندا هئا ۽ سڄي وات طريقي جي شغل ۾ اهڙي طرح مشغول رهندا هئا جو ڪنهن کي خبر نه پوندي هئي.

حضرت جن جي حالات ڪتاب "رفيق السالڪين" ۾ چڱي طرح ڏنل آهي. سندن ملفوظات ۽ مقامات ۽ ڪرامات حد کان زياده لکيل آهن هن ننڍي رسالي ۾ ماپڻ مشڪل آهي جي الله جَلَّ جَلَالُهٗ حياتي ڏني ته "رفيق السالڪين" جو ترجمو سنڌيءَ ۾ لکنداسين.

حضرت جن کي چار فرزند چار ئي صاحبِ حال ۽ باڪمال هوا. هڪ سيد امير برهان الدين جنهن جي حق ۾ حضرت جن فرمائيندا هوا "إِنَّ هٰذَا الْوَلَدَ بُرْهَانُهٗ" يعني هيءُ پٽ منهنجو حُجة آهي، ساڳي طريقي ۾ كَانَ اٰقِيْ عَيْنُ الْحَيٰوةِ - ٻيو سيد امير حمزه حضرت جن جي والد جو نالو مبارڪ به اهو هو - ٽيون امير سيد شاه - چوٿون امير سيد

عمر قُدِّسَ سِرُّهٗ ۽ خليفا وڏا پڻ چار هوا - حضرت غوث الاعظم بلاگردان شاهه
نقشبند قُدِّسَ سِرُّهٗ - ٻيو مولانا شيخ عارف ديڪ ڪراني - ٽيون شيخ يادگار ڪنروني
چوٿون شيخ جمال الدين دهستاني قُدِّسَ اَسْرَارُهم -

هنن کان سواءِ ٻيا به گهڻا خليفا آهن، "عمدة المقامات" ۽ "زبدة المقامات"
۾ تڪميل آهن - سيني جو وڏو ۽ عاليشان رکندڙ حضرت غوث الاعظم شاهه نقشبند
قُدِّسَ سِرُّهٗ آهي - سندن وفات صبح جي نماز وقت ڏينهن خميس تاريخ ٨ ٢
جمادي الاولىٰ سال ٧٧٢ ست سو ٻاهتر هجري ۾ ٿي - سندن مزار گوهر بار سوخا
۾ زيارتگاهه ديار جي آهي - مادو وفات جي تاريخ جو از مفتي صاحب

مير جنت شد چو با عزو وقار — سيدِ اڪرم شهِ اَسْعَد ڪلال [1]
گفت تاريخ وصال او خرد — "مير سيد پيشوا اَمْجَد ڪلال" [2]

حالات حضرت خواجگان پيران پير خواجه بهاؤ الدين نقشبند بلاگردان قُدِّسَ سِرُّهٗ

هي درياءِ عميق عرفاني جو جنهن جي ڪنڌيءَ ۽ ساحل ڪانهي، مشرق ۽ مغرب ۾ ڪا
ولايت نه هي جنهن ۾ سندن فيض جي ندي وهائل ڪانهي، جنهن سنت محمديءَ جا
جڳي طرح اڏايا آهن، ۽ اهڙو ذريعو ڪندڙ جنن، انسانن، ملڪن، وحوشن ۽ پکين ۾
ڪو نه هيو جنهن جا سڌ نه ٻڌا آهن - طريقت جو وڏو امام غوث المسلمين والاسلام
شمع مجلس گهراڻي مرتضوي جو فخر خاندان مصطفوي جو وسيله جزيله هر مستمند
مرهم دلهاءِ دردمند، شريعت جو بي نظير پايو ٻنڌڻ، نالو مبارڪ سندن محمد، لقب مبارڪ
بهاؤ الدين بلاگردان غوث الاعظم شاهه نقشبند آهي قُدِّسَ سِرُّهُ الْعَزِيْز -

سندن شجرو نسب جو امام الخلائق حضرت امام جعفر صادق رحمة الله عليه سان
هن طرح ٿو لڳي - حضرت شاهه بهاؤ الدين بن سيد محمد بخاري بن سيد جلال الدين بن سيد
برهان الدين بن سيد عبد الله بن سيد زين العابد بن بن سيد قاسم بن سيد شعبان
بن سيد برهان الدين بن سيد قليچ بن سيد محمود بن سيد ايلان بن سيد تقي صوفي
صنوفي بن سيد فخر الدين بن سيد علي اڪبر بن امام حسن عسڪري بن امام علي تقي

---

[1] جڏهن عزت ۽ وقار سان جنت جو امير ٿيو - سيد عزت وارو شاهه اسعد ڪلال
[2] عقل سندس وصال جي تاريخ چئي - مير سيد پيشوا امجد ڪلال (٧٧٢)

بن امام محمد تقي بن امام موسيٰ رضا بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين.

سندن ولادت ٧١٨ ست سو ارڙهن ۾ ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته ست سو اڻويهه ٧١٩ ماه محرم ۾ ٿي. ڪين حضرت خواجه محمد بابا سماسي قدس سره فرزندي ۾ قبول ڪيو هو ۽ تعليماً آداب طريقت جي حضرت سيد مير ڪلال رضي الله تعاليٰ عنه کان ورتائون وري صحبت خواجه قثم شيخ ۽ خليل آتا جي ۾ رهيا جو ٻئي مشائخ ترڪ جا هوا. ڪذا في عُمدةِ المقاماتِ. صاحب خزينة الاصفياء جي آندو آهي ته ڪين ٻارائي حالت ۾ الله جَلَّ جلاله وَعَمَّ نواله ڪرامت ۽ ولايت جي نعمت ڏني هئي. جيئن ته سندن والده ماجده کان منقول آهي ته جڏهن منهنجي فرزند بهاؤالدين جي عمر چئن ورهن جي هئي ان وقت ۾ منهنجي هڪ ڳئون ڏڪي هئي، هڪ ڏينهن اشارو ڳئون ڏانهن ڪري فرمايائون ته "اٿين معلوم پيو ٿئي ته ڳئون اچي پيشاني ۾ سان ڳابو ڄڻيندي" جيئن پاڻ فرمايائون اهڙي طرح سان سندن فرمود پورو ٿيو.

جيڪي حضرت خواجه غريب نواز شاه نقشبند قدس سره کان مجاهدا ۽ تڪليفون ابتدا ۾ وقت ۾ سرزد ٿيون آهن اها نعمت ڪنهن ٻئي کي تمام ٿوري پهتي هوندي.

سندن پوري طرح حالات، مقامات، ڪرامات ۽ ملفوظات ڪتاب انيس الطالبين ۾ حضرت خواجه محمد صالح بن مبارڪ بخاري خليفه حضرت جن جي آندا آهن، جو جيڪي باقي رهي ته اهو ڪتاب سارو ترجمه ڪندس. هت ان مان ۽ ٻين ڪتابن مان جيڪي نالا گڏ ڪري آيا آهن ڪي قدر احوال ٿو لکان. ڪين ابتدا ۾ قبض جهڙو مهينن تائين رهيو. فرمايائون ته مونکي يقين ٿيو ته باطني دولت منهنجي نصيب ۾ ڪانهي لاچار خيال ڪري اٿيس ته ڪو دنيا جو ڪم اختيار ڪريان، وات تي هڪ مسجد جي دروازه تي هن شعر لکيل تي نظر پيم. اي دوست بيا کہ ما ترائيم؛ بيگانه مشو که آشنائيم

اي دوست اچ جو اسين تنهنجا آهيون ۽ ڌاريو نه ٿي جو آشنا آهيون

انهي بيت ڏسڻ سان وري سارو حال موٽي آيو ۽ وري اچي مسجد ۾ ويٺس.

صاحب حدائق الوردية جي آندو آهي ته حضرت خواجه شاه نقشبند قدس سره جن فرمايو آهي ته هڪ ڏينهن مونکي حالت جذبه ۽ بيخودي غلبو ڪيو، پنهنجي جاءِ کان

ٻاهر نڪتس سيڪنهن وانگر پيو ڏڪان. جيئن ته منهنجا پير ڪنڊن مان ڦٽجي پيا انهيءَ حالت کي
متان اچي رات پئي پوءِ مونکي حضرت سيد مير ڪلال عليه الرحمة جي زيارت لاءِ چيڪ ڪئي انهيءَ حالت ۾ سياري
جي موسم ۾ گهڻي سردي جي باوجود ڏنيءَ تي هڪ پراڻي ڪپڙي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو، تهن
هوندي به سندن درگاه تي اچي پهتس، پاڻ مريدن سان ويٺا هوا. جڏهن مونکي ڏٺائون
پڇيائون ته هن ٻين منهنجي لاءِ حضرت جن کي سڃاڻايو پوءِ فرمايائون هن درگاه
کان ٻوڙي ڇڏيو اٿس. جڏهن آءٌ نڪتس قريب هو ته منهنجي نفس کي سندن تابعداري
کان نفرت ٿي پر الله جل جلاله جي عنايت مون سان شامل حال ٿي پوءِ جيئن ته اهي
تڪليفون سهندس، سندن چائنٺ مبارڪ نه ڇڏينديس پوءِ مٿو تواضع ۽ انڪسار
جو چائنٺ مبارڪ تي رکيم متان برف پئي اني ۽ هوا ڏاڍي سخت ٿي لڳي، انهيءَ حالت
کي اچي فجر جو وقت ويجهو ٿيو پوءِ حضرت سيد قدس سره جن نڪتا ۽ سندن
قدم مبارڪ منهنجي مٿي تي اچي پيو. جڏهن مٿو قدم مبارڪ کي لڳڻ ٻاڻ منهنجو مٿو
چائنٺ تان کڻي اندر ڏني ويا ۽ مونکي بشارت ڏنائون ۽ فرمايائون ته "اي منهنجا فرزند
ڪيڏو نه سعادت جو تنهنجي ذات لاءِ قدر تي آهي" پوءِ پنهنجي هٿن مبارڪن سان منهنجي
پيرن مان ڪنڊا ڪڍڻ لڳا ۽ منهنجي پيرن جا ڦٽ اگهيائون ۽ پنهنجن فيضن گهڻن ۽
لطفن کان مونکي مدد جي نوازش فرمايائون تمّ ڪلامهٗ ملخصاً

صاحب حالات مشائخ نقشبنديه جي آندو آهي ته حضرت جن قدس سره ٗ ٿي
فرمايو ته جنهن زماني ۾ مونکي جذبات ۽ غلبات ۽ بي قراري عنايت ٿي رات جو بخارا جي
ولين سڳورن جي تربتن تي گهمندو هوس. هڪ رات مزارن سڳورن تي پهتس، جنهن
به تربت تي ويس ڏٺم ته ڏيو تيل سان ڀريو پيو آهي مگر ٻٽ ويو نڪتي، جيڪڏهن وٽ
کي مٿي سوري جي ته هوندو وشنائي گهڻي ٿئيس، اول رات جي خواجه محمد واسع جي
تربت تي پهتس اتي اشارو ٿيو ته حضرت خواجه محمود انجيري فغنوي قدس سره
جي تربت تي وڃڻ گهرجي. جڏهن اتي پهتس به ترار ٿيون منهنجي چيلهه سان ٻڌائون
۽ مونکي گهوڙي تي سوار ڪيائون ۽ گهوڙي جي واڳ کي خواجه فرد آخر جي مزار جي
طرف لاڙيائون. پوئين رات ان جي تربت مبارڪ تي پهتس اتي پڻ ڏيو ۽ وٽ ساڳي نموني
سان ڏٺم. مون وٽ سوري قبلي کي سامهون تي ويٺس، مراقبي ۾ ڏٺم ته قبله جي طرف

ڪان ڀت چيرجي پئي، هڪ تخت تي هڪ وڏو بزرگ ويٺل ڏٺم ان جي اڳيان هڪ ساڳو
پردو پيل آهي - ان تخت جي چوڌاري هڪ جماعت حاضر هئي جن مان حضرت خواجه
محمد بابا سماسي قُدِّسَ سِرُّهٗ هو ان کي سڃاتم معلوم ٿيم ته هي جماعت گذريلن
ماڻهن مان آهي دل ۾ خيال ڪيم ته معلوم ڪجي ته هي بزرگ تخت وارو ڪير
آهي ۽ جماعت ڪنهن جي آهي، انهيءَ وچ ۾ هڪ شخص انهن مان اٿيو ۽ ٻڌايائين
ته اهو بزرگ حضرت خواجه عبدالخالق غجدواني آهي ۽ هي جماعت ان جا خليفا
آهن ۽ سڀني جا نالا ڏسيائين ۽ اشاري سان ٻڌايائين ته هي احمد صديق آهي
۽ خواجه اولياءِ ڪبير ۽ خواجه عارف ريوگري ۽ خواجه محمود انجير
فغنوي ۽ هي علي راميتني جن آهن - جڏهن خواجه بابا سماسي جي نالي مبارڪ
تي آيو ته هن ٻڌايائين ته ان کي حياتي ۾ ڏٺو آهي ۽ هي تنهنجو پير آهي ۽ توکي
ٽوپي مبارڪ عطا فرمائي اٿس - مون چيو ته هائو ان کي ته آئون سڃاڻان ٿو مگر
ٽوپي جو قصو گهڻن ڏينهن جو آهي مونکي ياد نه آهي ته ڪٿي رکيل آهي، فرمايائين
ته ٽوپي تنهنجي گهر ۾ رکيل آهي ۽ توکي هيءَ ڪرامت رب جي درگاه مان مليل آهي
ته جا بلاءِ ۽ مصيبت نازل ٿئي تنهنجي برڪت سان دفع ٿئي، اشارو ڪيائين لقب ديگران
ڏانهن آهي - وري ان جماعت چيو ته حضرت عبدالخالق غجدواني قُدِّسَ سِرُّهٗ جن
ڪجهه توکي فرمائيندا جو سلوڪ جي واٽ ۾ اهي ڳالهيون ضروري آهن، ڌيان
ڪري ٻڌج - مون چيو ته آئون ٿو گهران ته حضرت خواجه عبدالخالق غجدواني
قُدِّسَ سِرُّهٗ کي سلام ڪريان - انهيءَ وقت اهو ساڳيو پردو کڄي ويو ۽ مون حضرت
خواجه صاحب قُدِّسَ سِرُّهٗ کي سلام ڪيو - ٻانهن کي چالو فرمايائون جو اهي اول وچ
۽ نهايت سلوڪ جي ڪم اچن ٿا آهن انهن مان هڪ هي فرمايائون ته تون ڏيئو ٻتيءَ سان
پر ٻاريو ٿو هو، اها بشارت تنهنجي استعداد ۽ قابليت جي هئي پر وٽ استعداد جي ڪي چوڙهه گهرجي
جيئن اسرار کجها ظاهر ٿين ۽ قابليت جي اندازي تي عمل ڪرڻ گهرجي، جيئن مقصد حاصل
ٿئي - وري انهيءَ امر جو نهايت تاڪيد فرمايائون ته عمل سُنت تي ڪرڻ گهرجي ۽ رخصت
يعني مباحيت ۽ بدعت کان پرهيز ڪرڻ گهرجي ۽ حضرت رسول الله صلي الله عليه
وسلم جي حديثن ۽ اصحابن سڳورن جي اثرن تي جاچي ۽ ڌيان رکڻ گهرجي

جڏهن اها تقرير پوري ٿي ته هن حضرت خواجه عبدالخالق غجدواني قدس
سره جي خليفن فرمايو ته هن واقع جي سچائي ۽ حق هجڻ جو شاهد هيءُ آهي ته
مولانا شمس الدين ايڪنوي وٽ وڃ ۽ ان کي چئو ته فلاڻي ترڪ، جو سقائي
دعويٰ ڪئي آهي ان ۾ حق ترڪ ڏاهن آهي ۽ تون سقائي جي رعايت ڪر. بلڪ سقا
هڪ عورت سان نڪاح ڪيو آهي ان کي حمل رهجي ويو آهي ۽ ٻار ڪري پيو آهي. فلاڻي
جاءِ تي ٻار پوريو اٿس تنهن کان پوءِ تون دانا ڏاک ڇاڏ سنف ڏاهن وڃ
جڏهن جهنگ ۾ توکي هڪ پوڙهي آدمي سان ملاقات ٿئي اهو توکي ڪوسي
ماني ڏيندو ۽ اها وٺج. پر ان سان ڪو گفتگو نه ڪج اڳتي هلندين. هڪ قافلو
توکي ملندو ان ۾ سوار هوندو ان کي نصيحت ڪج اهو تنهنجي هٿان توبهه ڪندو
۽ توکي حضرت عزيزان جي ٻاتو وٽ آهي ان کي حضرت سيد مير ڪلال وٽ ڪٺي وڃ
پوءِ ان جماعت مونکي هوشيار ڪيو. صبح جو تڪڙ ۾ پنهنجي گهر ويس گهر وارن کان ٿي پڇيم
اهن ڏس ڏنم توڻي کي ڏسي منهنجي به ڪيفيت ٿي وئي ۽ تمام گهڻو رنس صبح جي نماز
مولانا شمس الدين جي مسجد ۾ پڙهيم ان سان سارو احوال ڪيم. سقائي ترڪ جي
سڀ جي هٿ جو انڪار ڪيو مون ان کي نڪاح وغيره جو تصور ڪري ٻن ايو جنهنڪري اهو
تمام پشيمان ٿيو مولانا منهنجي حال تي گهڻو التفات فرمايو ۽ مونکي فرمايائين ته تون
درد جو طالب آهين، جيڪڏهن هت رهين ته آئون توکي تربيت باطني ڏيان. مون
عرض ڪيو ته ٻين جو فرمان نه آهيان. ائين ته ٿيو جو اوهين منهنجي وات ٻڌو ۽ ٻيو ۽
آئون ان کي نه چوسيان. مولانا شمس الدين مان ڪئي ۽ مونکي وچ جي موڪلائي ڏنائين
پهرين ڏينهن ٻن آدمين سان چيلهه مضبوط ٻڌي رواني ٿيس، جهنگ ۾ پوڙهي آدمي
سان ملاقات ٿي ان مونکي ڪوسي ماني ڏني ۽ ان سان ڪو گفتگو نه ڪيم، جڏهن اڳتي هليس
هڪ سوار گڏيم ان چيو ته تون ڪير آهين جو تنهنجي صورت ڏسي مونکي ڏڄ ٿو ٿئي
مون چيس ته آئون اهو آهيان جو منهنجي هٿ کان تون توبه ڪندين اهو سوار
تڪڙو گهوڙي تان لهي پيو ۽ توبه ڪيائين ۽ پاڻ سان شراب گهڻو هوس سو هاري
ڇڏيائين ان جاءِ کان حضرت سيد امير ڪلال قدس سره جي خدمت ۾ حاضر ٿيس
توڻي حضرت عزيزان جي حاضر ڪيم، حضرت سيد امير قدس سره توجه کان پوءِ فرمايو ته